## سنڌيون ڪامڻ خبرون

### جامي چانڊئي جي سنڌي ادبي بورڊ مان استيعفا:

# نئين سوچ جي مرڪن سان آجيان ٿيڻ گهرجي

سنڌ جي سماج بابت، ساڃاهه وند ڪيترن سالن کان پنهنجي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چوندا رهيا آهن تہ، سنڌ جو سماج تنزل ڏانهن وڃي رهيو آهي، فرد اجتماعيت کان ڪٽجي رهيو آهي. خطري جو اهو سائرن اسان جي سماعتن کي ڪنهن هڪ لمحي لاءِ متاثر ضرور ڪري ٿو، پر ٻئي لمحي اسان کي تنزل جي ذهڻ ۾ لهڻ واري ڪيفيت جو احساس نٿو رهي- ۽ اسان معمول کان وڌيڪ پنهنجي ذات جي تعمير جي نصب العين ۾ گم ٿي وڃون ٿا. اِها صورتحال خبر ناهي تہ، سنڌ جي ڪيترن نسلن کي پنهنجي پٿرن جهڙي بي حسيءَ سان سنگسار ڪندي رهندي.

سنڌ جي مڙني ادارن سميت سنڌي ادبي بورڊ جي بي عمليءَ جو گونگو پاڻي بہ سماج کي ٻوڙيندو رهيو آهي ۽ سماج جا متحرڪ ۽ باشعور فرد "ادارا بچايو" جي نعري جي تتل روڊ تي پير ساڙيندا رهيا آهن- جنهن جي نتيجي ۾ جيڪڏهن سرڪار جي مٽي ۾ جُونءِ سُري ٿي تہ ڪا نہ ڪا ننڍي وڏي تبديلي عمل ۾ اچي ٿي- ۽ وري وڏي عرصي لاءِ ادارن کي بچايو واري جدوجهد پس منظر ۾ هلي وڃي ٿي- اصل ۾ مسئلو اهو بہ آهي تہ اسان ادارن جي اندر پلجندڙ بي عملي، سستي ۽ نااهليت تي لاڳيتو نظر نٿا رکون ۽ گڏوگڏ محدود ۽ انفرادي سطح جي مطالبن: "هَن کي لاهيو ۽ هِن کي رکو" بہ ادارن جي وجود لاءِ قبر کوٽي آهي.

جامي چانڊيو سنڌ جو لائق، فهميدو ۽ مستقل مزاج اديب ۽ سوچڻهار آهي ۽ ادبي حلقن ۾ غير متنازع هجڻ، سندس اضافي قابليت ۽ خوبصورتي آهي- ان جو جيڪڏهن سنڌي ادبي بورڊ جي، رڻ ۾ رليل ڪتابن جي مفاد ۾ تحفظ ڪيو وڃي ها تہ، يقين سنڌ جي نئين نسل جي اعتماد ۽ اجتماعي سوچ ۽ عمل جي پرورش ٿئي ها- پر ان جو احساس بورڊ جي وڻ ويڙهيءَ جهڙي يونين کي ڪير ڏياري! اها ڳالهہ ڪين ڪير سمجهائي تہ روز اچڻ ۽ وڃڻ تہ اداري جو ڊسيپلين آهي- هو تہ هڪ اهڙي اداري جا ملازم آهن جن جو تحرڪ ۽ عمل سندن جذبي سان لاڳاپيل آهي.

جيتوڻيڪ بورڊ جي پيراسائيٽ يونين ۽ ان کي پنهنجن مفادن پٺاندر هڻن تي ڪٽي هلندڙ ادبين جي منفي عمل جي نتيجي ۾ جامي چانڊئي استيعفا ڏني آهي، پر بورڊ جي گورنرس باڊيءَ کي پنهنجي عمل ۽ فيصلن ۾ خود مختار رهندي، جامي چانڊئي جي استيعفا کي نہ مڃيندي، سندس مرڪن سان واپسيءَ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. ممڪن آهي تہ اهڙي عمل سان ڪجهہ ادبين ۽ ملازمن جي آنا کي ڇيهو رسي، پر انهن کي بہ پنهنجي تسلسل ۾ سرجندڙ نئين سوچ جي آجيان ڪرڻ گهرجي.

ان موقعي تي سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ ۾، نئين نسل جي نمائندي اديب تاج جويي جي سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪجي ٿو. حقيقت ۾ اهوئي مثبت عمل آهي ۽ اها ئي اڄ جي تقاضا آهي تہ لرزندڙ هٿ، مظبوط هٿن کي هٿ ڏئي اڳتي آڻين. ان تقاضا کي جيترو خوبصورتيءَ سان نڀائبو اوترو سنڌ جو مستقبل محفوظ ٿيندو.

# هاڻي حليم بروهي جي راز افشاني تي حيرت نٿي ٿئي

حيدرآباد جي هڪ سهڻي سيتي اخبار جو "ڪکر ۾ ڪڙو هڻڻ" روز جو معمول بڻجي چڪو آهي. ڪانو کي لڙ ۾ مزي واري ڪردار کي، اخبار جا ڏٺي سڳورا پروفيشنلزم جي ترڪٽي ڪيپسول وانگر ڳهي وڃڻ تي زور ڏين ٿا. وٽن سياسي نعرو آهي "جمهوريت" جو، جنهن ذريعي هڪ تہ هو انساني حقن جي لتاڙ جي خلاف رڻ ۾ ٻانگ ضرور ڏين ٿا، پر اظهار جي آزاديءَ جو فائدو وٺندي، جنهن جو اچين ٿو، پٽڪو لاهڻ ۾ دير ئي نٿا ڪن. ٻہ چار وٽن ٺهيا لُڪيا بندوقچي نشانو ٺاهيون ويٺا آهن. ٻلي مٿن ڪنهن ترِ جيترو بہ بار نہ رکيو هجي، پر هو "خالص ڪاروباريت" جي ڪري اهڙا تہ ڦتاڪا ٿا ڇڏن جو ڏيارين جي عيد ياد اچي ٿي وڃي. اخبار ڏٺين کي ڇاهي، انهن جون تہ تجوڙين جي چاٻين رکڻ لاءِ تجوڙيون پيون ٺهن. خوار تہ ڪالم نگار ۽ اديب ٿين ٿا.

اها حقيقت آهي تہ سنڌ جي تنزل پذير معاشري ۾ کي اهڙا آدرشي فرد موجود هجن ٿا جن ڏانهن آگر جي رائيفل بہ سڌي نٿي ڪري سگهجي. هڪ تہ انهن شخصيتن جو احترام بہ لازم آهي جيڪي وارن ۾ چاندي پوڻ تائين پنهنجين چيل ڳالهين جو حق محفوظ رکن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ انهن جو ڪردار پوءِ مبهم بہ نٿو رهي. اهڙي صورت ۾ حليم بروهي جي راز افشاني بہ انهن جو ڪجهہ بگاڙي نٿي سگهي. ڪير چوندو تہ، "محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر الانا، عبدالڪريم بلوچ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي قوم لاءِ هاڃيڪار رهيا آهن." تنقيد کان بالاتر تہ ڪوبہ ڪونهي گهٽ وڌايون هر فرد ۾ ٿين ٿيون پر پنهنجي ذاتي رنجشن، محرومين ۽ پنهنجي نقطئہ نظر جي بنياد تي ڪنهن جي ڪردارڪشي ڪنهن کي بہ نٿي ڄڃائي. رهيو سوال ديانتداريءَ جو تہ اڄوڪي سرمائي پسند معاشري انساني آدرشن، خوابن ۽ اعليٰ قدرن جا ڏاڻا ڪڍي ڇڏيا آهن. هر ڪو پنهنجي پيٽ ۾ پورو آهي. اهڙي صورت ۾ ديانتداريءَ جو تاج ڪير بہ پنهنجي مٿي تي رکي نٿو سگهي ۽ ٻيي جي ٻولا دوران ڪنهن فرد کان ڪا ڪوتاهي نہ ٿئي، شينهن ۽ ٻڪريءَ کي پنهنجي ٻڪ ۾ پاڻي پياري، ايئن ممڪن ڪونهي.

اهو سمورو وهنوار ڪو اچرج جهڙو بہ ڪونهي. اها صورتحال هر ان ملڪ جي آهي جتي ثقافتي، ادبي، علمي، سماجي ۽ انتظامي ادارا بدعنواني جي ور چڙهيل آهن. اسان وٽ تہ سون تي سهاڳو دفاعي ادارن جو حال بہ حيات جي ٻارن جهڙو ئي آهي. مٿان وري انصاف ڀريو احتساب بہ ديواني جو خواب آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن هڪ فرد يا ڪجهہ فردن، ۽ خاص ڪري پنهنجي طبيعت سان ٺهڪي نہ ايندڙن مٿان آگر کڻڻ ڪهڙي دانائي يا سچائيءَ جو مظاهرو آهي.

سچائي وڏيري جي هٽ تي ويڙهيل هنتر تہ ناهي، جنهنکي پنهنجي مرضي تي، فرض ڪيل مجرم جي اگهاڙي پٺيءَ تي وهائي ڪيجي ۽ اڳواٽ طئي ڪيل نيتجو حاصل ڪجي. سچائي تہ مرڪ آهي، مرهم آهي جيڪا ڪليل ڦٽن تي بہ ڪڙيون ٻڌي ڇڏيندي آهي. سچائي تہ شانتي نڪيتن آهي جتي لهجن ۽ روين جي ٻاجهہ ۾ فرد ڪنهن نصيحت ڪانسواءِ پاٺمرادو لوهہ مان پارس ٿي وڃي ٿو- پر شايد سچائي جو ٻيو روپ بہ آهي، جيڪو ڪنهن آمر وانگر سفاڪ آهي- ۽ شايد حليم بروهي بہ پنهنجي سفاڪ ۽ هڪ طرفي سچائيءَ جي اماس رات ۾ پنهنجي داخلي محرومين ۽ تشخص جي بحران جي عذاب کان ٻري ٻري اجهامي ۽ اجهامي وري ٻري رهيو آهي، ۽ ان آڳ جي لهس تہ انهن کي ضرورت ايندي جيڪي سندس همعصر آهن، جن جي ڪردار جي عظمت ۽ ڪائرتا کان هو آگاهہ بہ آهي، پر انسان جو تهذيبي شعور فرد کي مثبت ۽ اصلاحي رويي ۽ ڪردار جو پابند ڪري ٿو ۽ اهڙي ذميواري صحافت تي بہ لاڳو ٿئي ٿي.

ايڊيٽر

رئوف نظاماڻي

## سنڌ دانشور ليگ

# سنڌي اديبن جي حڪومت نوازي اڌ صدي پراڻي روايت جو ورجاءُ

هڪ ڊگهو عرصو سنڌ مان غائب رهڻ ڪانپوءِ مسلم ليگ سنڌ ۾ وري پنهنجن بنيادن کي مضبوط ڪري رهي آهي. سياسي ميدان سان گڏوگڏ ان عمل کي ٻين شعبن تائين به ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي. ان سلسلي ۾ تازو "دانشور ليگ" جو قيام هڪ اهم قدم آهي. سنڌ ۾ خاص طور تي دانشورن وغيره سان رابطي جو ڪم اڳوڻي صحافي ۽ هاڻوڪي اطلاعات جي وزير مشاهد حسين کي ڏنو ويو آهي. ڪُجهه حلقن جو خيال آهي ته ان سلسلي ۾ مشاهد جي دلچسپي ان ڪري به وڌيڪ آهي جو هو سنڌ ۾، پنهنجي لاءِ هڪ حلقو ٺاهڻ چاهي ٿو، جنهن سان ڪيس پارٽيءَ ۾ پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ملندي. بهرحال ان قدم سان سنڌ ۾ دانشورن جي ڪردار متعلق هڪ بحث شروع ٿي ويو آهي. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته، ڇا ان تنظيم ۾ سنڌي دانشورن جو شامل ٿيڻ ڪو انوکو قدم آهي؟ ۽ ڇا اهو ڪو اهڙو قدم آهي، جنهن جو ماضيءَ ۾ ڪو مثال نه ٿو ملي؟ ماضيءَ تي نظر وجهڻ سان اهو پتو پوندو ته، ائين ناهي ۽ اسان کي اهڙا ڪيئي مثال ملندا، جڏهن سنڌي اديب ۽ دانشور ڪنهن نظرياتي وابستگيءَ کان قطعَ نظر حڪومتن سان شامل رهيا آهن ۽ انهن جي ڪرايل ميلن ملاڪڙن ۾ شريڪ ٿيندا رهيا آهن.

سنڌ ۾، ترقي پسند ادبي تحريڪ جي تنظيم سازي؛ سنڌي ادبي سنگت جي صورت ۾، پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ٿي آهي. اهو اهڙو وقت هو جڏهن انجمن ترقي پسند مصنفين عتاب هيٺ هُئي. اُن جي دفترن کي سِيل ڪيو ويو هو ۽ سيڪريٽري جنرل ۽ سرگرم ڪارڪن حڪومت جي تحويل ۾ هئا. اُن جو مُک سبب انجمن جو آمريڪا دشمن رويو ۽ حڪومت- وقت جي آمريڪا دوستي هُئي. اهڙي صورتحال ۾، سنگت لاءِ مُلڪي ۽ عالمي حالتن جي لحاظ کان، ڪو موقف اختيار ڪرڻ واقعي هڪ جوکم جو ڪم هو پر حيرت ان ڳالهه تي ٿئي ٿي ته، ان دور ۾ سنڌ پاڻ هڪ مخصوص صورتحال مان گذري رهي هئي- هڪ ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو هو ۽ ٻيو ته ۱۹۵۴ع ۾ ون يونٽ مڙهي؛ ماڳئي سنڌ جي الڳ سڃاڻپ کي ئي ختم ڪيو ويو هو. پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ ان صورتحال تي نه اجتماعي طور تي ۽ نه ئي انفرادي طور تي؛ سنڌي اديبن جو ڪو رد عمل سامهون اچي ٿو. تنظيم ٺهندي ئي ڪنهن موقف ۽ نظريي جي بنياد تي آهي ۽ اُن ۾ اُهي ئي ماڻهو گڏ ٿيندا آهن جيڪي ان نظريي سان سهمت هوندا آهن. ان ڪري ڇا اهو چئي سگهجي ٿو ته سنگت جي اُن وقت جي تنظيمي پروگرام ۾ اهڙو ڪوبه نڪتو شامل نه هو جيڪو اُن ۾ شامل سنڌي اديبن کي اُن وقت جي ٻرندڙ مسئلن تي، ڪو موقف اختيار ڪرڻ لاءِ پابند ڪري ها؟ سنگت جي منشور تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته، اُن ۾ عمومي طور تي ٻولي، ثقافت ۽ ادب جي ترقي ۽ ترويج جا نڪتا آهن، پر اُن ۾ ڪٿي به خاص طور تي سنڌ کي درپيش مسئلن جو ذڪر يا اوڻهن جي حل ڪرڻ جي گهر ڪيل ناهي- ايستائين ته، اُن ۾ اها گهُر به ڪيل ناهي ته سنڌيءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي بڻايو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ اديبن جو، مسئلن جي حوالي سان ڪو موقف اختيار ڪرڻ، هڪ پري جي ڳالهه ٿِي ٿِي پئي. ان جو هڪ اهم سبب اهو به هو ته، ورهاڱي کان اڳ انجمن ترقي پسند مصنفين، جنهن جو هڪ واضح سامراج دشمن سياسي موقف هو، ۾ سنڌي اديبن جو ڪردار بس نالي ماتر ئي هو- ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ۱۹۳٦ع ۾ لکنؤ ۾ ٿيل انجمن جي ڪانفرنس ۾، هڪ شخص سنڌ جي نمائندگي ڪئي هُئي، اهو شخص ڪير هو، اُن جو نالو، پڪ سان سوڀو گيانچنداڻي به نه ٿو ٻڌائي سگهي. سندس چوڻ آهي ته، "منهنجو خيال آهي ته شايد اُهو محمد امين کوسو ئي هو جنهن لکنو ڪانفرنس ۾ سنڌي اديبن جي نمائندگي ڪئي هوندي، نه ته ٻيو شخص قادر بخش نظاماڻي ٿي سگهي ٿو"- ان ڪري سنڌي اديبن جي جوڳي سياسي تربيت نه ٿيڻ ڪري، خاص طور پنجاهه واري ڏهاڪي ۾، سندن لاءِ پنهنجي تنظيم وسيلي سياسي موقف اختيار ڪرڻ هڪ ڏکي ڳالهه هئي. بهرحال ان ڳالهه کي، سندن پوءِ انفرادي لحاظ کان مصلحت پسندي لاءِ جواز طور نه ٿو مڃي سگهجي. ان دور ۾ سنڌيءَ ۾، اياز قادري، شيخ اياز، جمال ابڙو ۽ آگرو وغيره جهڙا ليکڪ موجود هُئا جن سنڌيءَ ۾ اهڙو ادب تخليق ڪيو پئي جنهن جي سمت مقرر ٿيل هئي ۽ جنهن ۾ سماجي شعور جو عڪس هو، ان جي باوجود اُن وقت سنڌي اديبن مارشل لاءَ جي مخالفت ڇو نه ڪئي. ان مارشل لاءَ جا سياسي، سماجي ۽ معاشي مضمرات هُئا، جن پوري ملڪ کي متاثر ڪيو ٿي، پر اُن جي هڪ اهلڪار جي قدم سنڌي ٻوليءَ کي ناقابل تلافي نقصان رسايو، جڏهن سنڌ جي اسڪولن مان، اُن جي لازمي مضمون واري حيثيت کي ختم ڪيو ويو.

•

ايوب خان، جيئن ته هڪ ڊگهي عرصي تائين اقتدار ۾ رهڻ لاءِ رٿابندي ڪئي هُئي، ان ڪري سندس صلاحڪارن خاص طور تي الطاف گوهر ۽ قدرت الله شهاب وغيره پاران اها ڪوشش ڪئي ويئي ته، سندس حڪومت لاءِ ليکڪن ۽ دانشورن وغيره جي حمايت کي پڻ منظم ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ "رائٽرز گلڊ" جو بنياد وڌو ويو. پاڪستان ۾ ليکڪن کي حڪومت جي پاسي ڪرڻ جي اها پهرين باقاعدي ڪوشش هُئي. اهو اهڙو وقت هو جڏهن ترقي پسند ادبي تحريڪ وکرجي چُڪي هُئي. احمد نديم قاسمي، انجمن جي سيڪريٽري جنرل جي عُهدي تان استعيفيٰ ڏيئي توبهه تائب ٿي چڪو هو. جڏهن ته خاص طور تي اردو ادب ۾ وجوديت ۽ فراريت جي لاڙن ۾ تيزيءَ سان واڌارو ٿيڻ شروع ٿيو هو. اديبن ۽ ليکڪن لاءِ رهنمائي ڪندڙ ڪا قوت موجود نه هئي. شوڪت صديقي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌائي ٿو ته، گلڊ جي باري ۾ موقف طئي ڪرڻ لاءِ ڪميونسٽ پارٽي جي

> **حاڪمن جي اها روايت رهي آهي ته، ڪين خوددار ۽ پنهنجي موقف سان وفادار رهندڙ ماڻهن کي جهڪائڻ ۾ لطف ايندو آهي باقي جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ ئي اچي سندن قدمن ۾ ڪرندو آهي ته، اهي، اُن ڏانهن اک کڻي به نه ڏسندا آهن.**

هڪ گڏجاڻي ٿي هئي جنهن ۾ شامل ٽن ماڻهن ۾ هو پاڻ ۽ امام علي نازش به شامل هئا. سندس چوائي اُن گڏجاڻيءَ ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته، ترقي پسند اديبن کي گلڊ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي نه ته ٻي صورت ۾ هو اڪيلا رهجي ويندا. جيڪڏهن واقعي پارٽيءَ جو اهو موقف هو ته، ان کي پارٽيءَ جي هڪ وڏي غلطي چئي سگهجي ٿو، جنهن سان مارشل لاءَ کي جڻ سندن، سڌي حمايت حاصل ٿي ويئي. اُن وقت سنڌيءَ جي وڏن اديبن مان، سوائي ايڪڙ ٻيڪڙ جي، ٻين جي پارٽيءَ سان باقاعدي وابستگي نه هئي، ان ڪري اهو نه ٿو چئي سگهجي ته، سندن لاءِ پارٽي لائين جي پوئواري ضروري هئي. ٻي ڳالهه ته ان دور ۾، گلڊ ۾ شامل ٿيڻ يا نه ٿيڻ متعلق سنگت به ڪو موقف اختيار نه ڪيو هو. ان وقت گلڊ ۾ شامل اديبن جي فهرست تي نظر وجهجي ٿي ته، اُن ۾ سنڌ جا اٽڪل سڀ ترقي پسند نالا نظر اچن ٿا.اهي ماڻهو گلڊ جي مختلف عهدن تي به رهيا ۽ انهن جي ڪتابن کي انعامن سان به نوازيو ويو. اهو نشو ايستائين هو جو اڄا تائين به گهڻا پُراڻا اديب پنهنجن اُن وقت جي ڪتابن لاءِ فخر سان لکندا آهن ته، اهو رائٽرز گلڊ جو انعام يافته آهي. بهرحال اها ڳالهه واضح آهي ته، ان دور ۾ سنڌي اديب وجودي لاڙن جو ايڏو گهڻو شڪار نه ٿيا آهن جيڏو اُن وقت اردو اديب هئا. هن دور ۾ تخليق ٿيندڙ ادب ۽ اديب جي عملي وابستگيءَ ۾ هڪ تضاد آهي. سنڌي ليکڪ جاگيرداريءَ جي ظلمن، قومي جبر، مذهبي ڪٽر پرستي، سماجي انصاف ۽ سنڌي ٻوليءَ سان امتيازي سلوڪ روا رکڻ خلاف پنهنجي قلم کي استعمال ڪيو آهي. پر هن مرحلي تي وٽس اهو واضح ناهي ته، رياست جي بيهڪ ۽ اُن ۾ شامل ڌرين جو، ان سڄي صورتحال کي پيدا ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڪردار آهي ۽ ڪيس اُن ڏانهن ڪهڙي قسم جو رويو رکڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ ان جو مُکيه سبب اهو هو ته، انهن مسئلن لاءِ سنڌ ۾ ڪا سياسي تحريڪ موجود نه هئي. مختلف ترقي پسند ۽ قوم پرست جماعتن جو سنڌ ۾ ڪردار نهايت ئي محدود هو. هتي اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته، اديب پنهنجي ليکي ڪا سياسي تحريڪ پيدا نه ڪري سگهندا آهن، بلڪه هو اڳ موجود سياسي تحريڪ کان پاڻ اُتساهه وٺندا به آهن ۽ پنهنجين لکڻين وسيلي اُن کي اُتساهه ڏيندا به آهن. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته، سنڌي اديب سٺ جي ڏهاڪي ۾، پنهنجي ادب وسيلي هڪ وڏي تحريڪ کي جنم ڏيئي چڏين ها. ۴ مارچ ۱۹٦۷ع جديد سنڌ جي تاريخ ۾، سنڌي شاگردن يا سنڌي وچولي طبقي جو پهريون سياسي اظهار آهي. سياسي جدوجهد ۾، شاگردن جي اها شموليت ئي سنڌي اديب لاءِ اُتساهه ۽ ميدان ۾ اچڻ جو باعث بڻجي ٿي. هن وقت جيڪي اديب ۽ سياستدان نظر اچن ٿا اُهي ۴ مارچ کان پوءِ جي پيداوار آهن. جيئي سنڌ ۽ عوامي تحريڪ وغيره سڀ انهيءَ دور جون پيداوار آهن. اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته، هن دور جو سنڌي اديب پنهنجي پيشرو کان وڌيڪ سرگرم آهي.

سنڌي اديب جو اهو ڪردار، ستر جي ڏهاڪي ۾ وڌيڪ مضبوطي ماڻي ٿو. هُو هاڻي خاموش تماشائي نه ٿو رهي، بلڪه مُلڪي سياست ۾ هڪ ڌر بڻجڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اُن جو هڪ سبب سنڌي وچولي طبقي کي، مجموعي طور تي ون يونٽ ٽٽڻ جي ڪري پنهنجي نئين حاصل ٿيل قوت جو احساس هو ۽ ٻئي پاسي، پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿيڻ ڪري، جنهن جي اڳواڻي هڪ سنڌي، ذوالفقار علي ڀٽو جي هٿ ۾ هئي، سندن توقعات جو وڌڻ هو. قومي لحاظ کان سنڌي اديبن جون توقعات پوريون ٿي نه سگهيون، جن جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت ناهي. ان جو ردعمل سنڌي اديبن ۾ تمام شديد ٿيو ۽ نتيجي ۾ گهڻا سنڌي اديب ۽ مجموعي طور تي سنڌي ادب رياستي عتاب ۾ اچي ويو، پر ڏٺو وڃي ته ڪُجهه کي ڇڏي باقي سنڌي اديبن جو اهو رد عمل جٽادار نه هو. منهنجي خيال ۾ اُن جو وڏو سبب شاگردن جي بنياد تي ڪم ڪندڙ سنڌي قوم پرستن جو عوام سان مضبوط ناتو نه هئڻ ۽ صحيح وقت تي صحيح موقف اختيار نه ڪرڻ هو. ان جي پٺ ۾ هڪ سنڌي وزير اعظم کين گهڻو ڪُجهه ڏيڻ جي حيثيت ۾ هو. شيخ اياز سميت گهڻن اهڙن سنڌي اديبن، جن کي وطن پرستيءَ جو سمبل سمجهيو ويندو هو، وڏين سٽيئن نوڪرين جي بدلي حڪومت سان مصلحت ڪري ورتي. هڪ سنڌي وزير اعظم ۽ جمهوري حڪومت هئڻ ڪري سندن اهڙو عمل نظرياتي پردن ۾ لڪل رهيو ۽ اهي وڌيڪ وائڪا نه ٿي سگهيا. پر وقت اهو ثابت ڪيو ته، انهن اديبن جو ڀٽي سان شامل ٿيڻ ڪنهن نظريي جي ڪري نه هو. جيڪڏهن ائين هُجي ها ته، دُنيا ۾ مختلف مُلڪن جا اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن جتي انقلابي ۽ جمهوري حڪومتن ۾ شامل اديبن، اُنهن حڪومتن کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جان به قربان ڪري ڇڏي هُئي، پر هتي ته منجهانئن ڪنهن احتجاجاً استعيفيٰ به نه ڏنو، اُلٽو سندن پاران ننهن- چوٽيءَ جو زور لڳائي اها ڪوشش ڪئي ويئي ته، ڪيئن مارشل لا وارن کي خوش ڪري پنهنجين نوڪرين کي بچايو وڃي. ان سلسلي ۾ شيخ اياز جو مثال سڀني جي آڏو آهي ته هُن پنهنجي وائس چانسلري کي بچائڻ لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو، پر شروع زماني کان حاڪمن جي اها روايت رهي آهي ته، ڪين خوددار ۽ پنهنجي موقف سان وفادار رهندڙ ماڻهن کي جهڪائڻ ۾ لطف ايندو آهي باقي جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ ئي اچي سندن قدمن ۾ ڪرندو آهي ته، اهي، اُن ڏانهن اک کڻي به نه ڏسندا آهن. اهو سيڪجهه اياز سان به ٿيو، نوڪري بچائڻ جي سلسلي ۾ سندس سڀ تدبيرون اونڌيون ٿي ويون ۽ کيس ڪُرسيءَ تان لاهي گهر ڀيڙو ڪيو ويو.

ضياءالحق جو دور سنڌ ۾ هڪ وڏي اٿل پٿل جو دور آهي. ڀٽو جو اقتدار تان هٽڻ، سندس ڦاهي چڙهڻ، ۱۹۸۳ع ۽ پوءِ ۱۹۸٦ع جي تحريڪن، سڌي طرح سنڌ جي ماڻهن کي متاثر ڪيو. ان دور کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌ جو ماڻهو بنيادي طور تي تبديل ٿي چُڪا آهن، ان ڪري ڪُجهه سال اڳ جي سنڌ ۽ اڄ جي سنڌ جي ڀيٽ ڪجي ته ائين لڳندو ڄڻ ٻنهي ۾ صدين جي وٿي آهي. سنڌي ماڻهو ان تبديليءَ جي تمام ڳري قيمت ادا ڪئي آهي. جيل، ڦٽڪا، ڦاهيون، ڳولن تي بمباري، ڌاڙيلن جا قهر ۽ دهشتگردن جو ڏهڪاءُ اهڙيون ڳالهيون آهن، جن سنڌ جي سڀني ماڻهن کي سڌي ۽ اڻ سڌي طرح متاثر ڪيو آهي. ماضيءَ ۾ اهڙيون حالتون جن مُلڪن ۾ رهيون آهن اُتي اديبن شاهڪار تخليق ڪيا آهن. مُلڪ جي ڊگهي ۾ ڊگهي مارشل لاءَ ۾، جنهن ۾ سنڌ ئي وڌيڪ سٺو، سنڌي اديب اهڙا شاهڪار تخليق ڪري ڇو نه سگهيا. اُن جي اُبتڙ سنڌ تي وجودي ادبي لاڙي جو غلبو ٿي ويو، جنهن جيتوڻيڪ سنڌي ادب کي ماڻڪ جهڙا اديب به ڏنا، پر مجموعي طور تي ان پوري عرصي ۾ سنڌي ادبي وايو منڊل تي ماٺار ڇانئجي وئي. ۱۹۸۳ع جي تحريڪ کانپوءِ اهو هڪ عام تاثر هو ته سنڌ ۾ وڏي پيماني تي مزاحمتي ادب جي تخليق ٿي رهي آهي ۽ اهو جيڪڏهن هاڻي سامهون نه پيو اچي ته ڪُجهه عرصي کانپوءِ ضرور سامهون ايندو پر اها سڄي خام خيالي ثابت ٿي. اُن وقت وڏن ۽ ننڍن اديبن پاران صورتحال جي رد عمل ۾، ڪُجهه شيون لکيون ويون، پر ادب جي ميدان تي ڪوبه غير معمولي واقعو رونما نه ٿيو. هتي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته، جڏهن ۴ مارچ جهڙو هڪ ننڍو واقعو، سنڌي ادب لاءِ هڪ وڏي ڇال جو باعث بڻجي سگهي ٿو ته، پوءِ اها صورتحال سنڌي ادب ۽ اديب تي ڇو ديرپا اثر نه ڇڏي سگهي. ٿورو غور ڪجي ته خبر پوندي ته، ان جو مُک سبب وڏن ۽ ناميارن سنڌي اديبن جو ادبي تحريڪ کان ڌار ٿيڻ ۽ سندن ذاتي مفادن جو رياست سان سلهاڙجڻ هو. ضيا الحق جي ڪرايل ادبي ڪانفرنسن تي نظر ڊوڙايو ته، اُن ۾ مختلف مرحلن تي گهڻن ترقي پسند ۽ قوم پرست سنڌي اديبن جي موجودگي نظر ايندي، ائين به ٿيو ته، هڪڙين ڪانفرنسن ۾ جيڪڏهن تنوير عباسيءَ جي شرڪت کي رشيد ڀٽي ۽ ٻين اديبن پاران ننديو ٿي ويو ۽ ٻين ڪانفرنسن ۾ ننڊڻ وارا اهي ساڳيا اديب نفس بنفيس موجود هئا. سنڌي ادبي تحريڪ جو اهو هڪ وڏو الميو هو. جڏهن سنڌي عوام مارشل لا جي ظلمن هيٺان پيسجي رهيو هو تڏهن اُهي سنڌي اديب، جن جي زبان ۽ قلم سنڌ سنڌ ڪندي نه ٿڪندي هُئي سي جنرل جي هنج ۾ ويهي سندس قصيدا ڳائي رهيا هُئا. ان ڳالهه جو وٽن ڪوبه جواز نه هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ڪوشش به ڪئي ٿي ته هو پاڻ کلڻ هاب ٿي ٿي پيو. مثال طور جمال ابڙو جو چوڻ هو ته، جيئن ته سرڪار وٽ عوام جو پيسو آهي، ان ڪري جيڪڏهن هو عوام جي خرچ تي

سنڌ دانشور ليگ

## ۾ اکر رڪارڊ جي درستگيءَ لاءِ

# دانشورن جي ليگ جي ضرورت صرف سنڌ ۾ ڇو محسوس ڪئي وئي؟

سماجي جوڙجڪ ۾ فرد جو ڪردار نهايت اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ هر فرد سماج ڏانهن پنهنجن عملن جو جوابدار هوندو آهي. مهذب معاشرن ۾، جتي فرد جي انفرادي ذات جي اهميت هوندي آهي اتي سماج جي اهميت کان ڪير به انڪار نه ٿو ڪري سگهي، بلڪ سماج جي اهميت فرد جي اهميت کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ۽ مٿيري هوندي آهي. سرسري طور تي هڪ عام فرد سماج ڏانهن ڪيترو ذميوار هئڻ گهرجي ان جي وصف ته سوشل سائنسز جي سمورن عمومي مضمونن ۾ موجود آهي، جنهن ۾ هڪ عام فرد پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن کان مٿيرو ٿي، سماج جي سمورن فردن لاءِ گڏيل سوچ رکي ٿو، پر ان جاءِ تي اسان سماج جي باشعور فردن کي ڪٿي بيهاري سگهون ٿا- يعني سوسائٽيءَ جو هڪ باشعور فرد هڪ عام فرد جي سوچ کان گهڻو مٿيرو هئڻ گهرجي ۽ سماج ڏانهن سندس ذميواريءَ جو رويو به اهڙو هئڻ گهرجي جو نه رڳو پنهنجن ذاتي مفادن کي سماجي مفادن مٿان قربان ڪري ڇڏي پر جيڪڏهن اصولي اختلافن تي کيس ڪا وڏي قرباني ڏيڻي پوي ته به ان کان نه ڪيٻائي. باشعور فرد سماج جو نچوڙ Cream of Society هوندا آهن ۽ اهو انهن جو ئي فرض هوندو آهي ته اهي پراڻين رسمن کي آهستي آهستي فرسوده ۽ ناڪاره بنائيندي، جديد ۽ سائنسي بنيادن تي معاشري جي اڏاوت ڪندا آهن ۽ قومن کي ترقيءَ جي راهن تي هلائيندي أسريل قومن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا آهن ۽ اهي قومون به کين پنهنجي سورمي طور قبول ڪندي سندن ڏهاڙن کي عقيدت ۽ احترام واري انداز ۾ ملهائينديون آهن، پر قومن ۾ گڏيل احسان فراموشيءَ جو لاڙو پيدا ٿيڻ يا ڪرڻ ۾ وڏي ۾ وڏو ڪردار به اسان جي موجوده باشعور فردن جو هوندو آهي. معاشري جي باشعور فردن وٽ، اهو ڪمال هوندو آهي يا خدا منجهن اهڙيون صلاحيتون پيدا ڪندو آهي جو اهي قومن کي سڌيءَ واٽ تي هلائين يا ڪٽي وڃي کوهہ جي تري ۾ اڇلائين.

مٿئين نقطهء نظر جي حساب سان جيڪڏهن اسان سنڌي سماج جو جائزو وٺنداسون ته اسان کي ٻه بنيادي سوال نظر ايندا. هڪ ته اسان ۾ هڪ قوم هئڻ جو جذبو ڪڏهن پيدا ٿيو ۽ ان جا اسان جي معاشري تي ڪيترا اثر پيا؟ ٻيو ته ان احساس يا جذبي پيدا ڪرڻ ۾ اسان وٽ سڀ کان وڏو ڪردار اديب يا دانشور لڏي جو رهيو آهي يا سياستدان جو؟

هينئر تائين ڏٺو اهو ويو آهي ته، سياست تي اسان وٽ قبضو جاگيردار، وڏيري يا پير جو رهيو آهي ۽ انهن جو تعلق معاشرتي ۽ اقتصادي حوالي سان مٿين طبقي سان رهيو آهي. جڏهن ته اديب يا نالي ماتر دانشور اسانجي سماج ۾ هيٺين طبقي يا هيٺين وچين طبقي مان پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن وٽ سدائين اهو احساس ڪمتري رهيو آهي ته هو جمپ لڳائي وچين طبقي يا مٿين ۾ هليو وڃي. اسان جي اديب يا نالي ماتر دانشور وٽ خيال ڪٿي ڪيڏا اوچا هجن يا هو مٿين طبقي کي ڪٿي گارين جي حد تائين به ننديندو هجي، سندس خيالن جو سورمو وري به اهو ئي وڏيرو، مير، پير يا جاگيردار رهيو آهي. سندس دل ۾ سدائين اهو خيال ڪَرَ ڪٽي پيو هلندو آهي ته، هو به انهن جيان، ماڻهن سان ورتاءُ ڪري ۽ هو عملي طور تي ايئن ڪندو به آهي، فرق لفظن جو هوندو آهي باقي لٺوليون ۽ گاريون ساڳيون ئي هونديون آهن.

اسان جي اديب يا نالي ماتر دانشور جڏهن اهو ڏٺو ته، اهي سمورا نٽ جيڪي سياستدانن جي نصيب ۾ آهن، اهي انهن جي رڳو خيالن ۾ آهن، جڏهن ته هو دليل سياستدانن کان به وزندار ڏين ٿا، ان ڪري اديب اڻ سڌيءَ طرح سياست جي ميدان طرف آيا. اهي نالي ماتر دانشور، جيڪي ڪالهہ سياست کي گورک ڌنڌو سڏيندا هئا ۽ عام ماڻهوءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جو هڪ بيڪار ۽ ڪيترائي ڀيرا آزمايل ۽ ناڪام ٿيل نسخو سمجهندا هئا، اڄ ان گورک ڌنڌي ۾ وڪوڙجي ڪوڙ ۽ ذاتي مفادن جي ڪيڏ پٺجي ويا آهن. جيئن ته اديب سماج جو سونهون هوندو آهي ۽ معاشري کي صحيح دڳ تي وٺي هلڻ جي قابل هوندو آهي ۽ ڪوڙي ڪري جي پرک چڱي طرح ڪري ڄاڻندو آهي، ان ڪري مٿس ذميواريون به اوتريون ئي ڳريون هئڻ گهرجن.

اسان جي اديب يا نالي ماتر دانشور جو ڪردار ون يونٽ واري دور ۾ ايترو مثبت رهيو جو انهن نه رڳو ادبي ميدان ۾ عوام جي رهنمائي ڪئي پر سياسي ميدان ۾ به سرواڻ رهيا، پر جيئن ئي اوير پاڪستان جي ٽٽي وڃڻ کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ۾ سوشل سيٽ اپ تبديل ٿيڻ ڪري مڊل ڪلاس ٽينڊنسي (وچ طبقاتي رويو) پيدا ٿي، تيئن ئي اديب لڏي ۾ مفاد پرستيءَ وارو عنصر پيدا ٿيو، ڇاڪاڻ ته ان کان اڳ اسان جي سنڌي معاشري ۾ رڳو ٻه طبقا هئا.

> **اسان جو اديب ۽ نالي ماتر دانشور حساس هئڻ ڪري ۽ پيسي جي اڻ هوند ۽ بين پيٽي مفادن تحت سدائين گهٽتائيءَ واري احساس هيٺ دٻيل رهيو آهي ۽ جيئن ئي ان احساس مان ڪيس ٻاهر نڪرڻ جو موقعو مليو آهي تيئن ئي هو ٻاڙو تتر وانگر پڙڪو ڏيئي نڪتو آهي**

اين وينو گوپال

## آندرا پرديش جو شاعر ۽ انقلابي راڳي

# غدر

## ۽ خانگي ويس پهريل سرڪاري قاتل



هاڻي هر طرف سانت آهي،
نہ پازيب جي جهنڪار آهي،
نہ دُهل وڄي رهيا آهن،
بَربِط جون تارون بہ خاموش
آهن،
رباب جي سحرانگيز لئي بہ
ڪانهي،
دل جي ڌڙڪن بہ چپ آهي،
نہ رقص، نہ گيت ۽ نہ موسيقي،
سنيڙا ٻار، جيڪي تنهنجن سٽرن
تي،
ويهڻ لاءِ بيقرار رهندا آهن،
اُهي بہ نہ آهن.
تنهنجي آواز ۾ محبت ۽ ٻاجهہ
جو احساس،
اڻ-ڳڻين تحريرن کان پوءِ، هاڻي
اهو بہ نہ رهيو آهي،
ڪوهہ جي نار جي هلڻ جو آواز
بہ ڪونهي،
گلن جي مرڪ بہ غائب آهي،
ڪاڏي پچائڻ وارن ٿانون جي
هيٺان،
دونهون بہ ڪونہ ٿو اُٿي،
پر
نہ
هيءَ خاموشي ۽ چپ چپات
سدائين نہ رهندي،
ڪکرن جي پويان
سج باهہ جو گولو آهي،
جيڪو رڪ سان ڍڪيل آهي،
جڏهن وقت ايندو،
باهہ ۽ سمنڊ جون
لکين موجون اٿنديون-

غدر هي منظوم خط پنهنجي

زال وملا کي ڊسمبر ١٩٨٦ع ۾ ان وقت لکيو هو، جڏهن هو روپوش هو. هي سندس گهر تي پوليس جي حملي جو رد عمل هو. جيڪو غدر، دهل، پازيب، بَربِط ڪتابن ۽ گيتن جي شڪل ۾ ڪيو هو. ان واقعي کان يارنهن سال پوءِ، پوليس ڀيهر ٦ اپريل ١٩٩٧ع تي سندس گهر تي حملو ڪيو. هن ڀيري نہ رڳو قاتلن جو مقصد هن شاعر ۽ انقلابي راڳيءَ جي گيتن کي خاموش ڪرڻو هو، پر سندس حياتيءَ جي لاٽ اجهائڻ بہ

سنڌي لينگويج اٿارٽي جي سيڪريٽري، ناميارِي

# اسان جي سياڻي جي زندگيءَ جي بقا ان ۾ آهي ته سنڌ جو وجود سلامت هجي:

## تاج جويو

**لهرون: توهان جي متحرڪ زندگيءَ جو پس منظر ڇا آهي؟ ڇا ان علمي ادبي تحرڪ جي ڪري اوهان جي ذاتي زندگي متاثر ٿي آهي ۽ ڇا اوهان پنهنجي ذاتي زندگيءَ کان مطمئن آهيو؟**

**تاج:** مان بنيادي طور تي هاريءَ جو پٽ آهيان ۽ هاريءَ جي زندگي ڪيڏي تحرڪ واري آهي، اها اوهان سمجهو ٿا پورهيت- گهر ۾ جنم وٺڻ جي ڪري سچائي ۽ محنت منهنجي ضمير ۽ خمير ۾ شامل رهي آهي. منهنجو والد خوددار قسم جو هاري رهيو، ڪڏهن به وڏيري جو قرضي نه رهيو، پاڻ ان جو زميندار ڏانهن قرض رهندو هو. ٻيو ته اسان جو ڪٽنب لاڏائو نموني سان رهيو آهي، هڪڙي هنڌ رهيا ئي نه آهيون. مثلن منهنجو جنم قاضي احمد ۾ ٿيو، پهريون درجو مون سَن ۾ پڙهيو، وري ٻئي ڪلاس کان ڪولاچين جي ڳوٺ ۾ پڙهيس ۽ وري مئٽرڪ جو امتحان سن ۾ ڏنو آهي، ته والد جي خوددار طبيعت جي ڪري اسان ڪافي عرصو ڏکن، ڏاکڙن ۽ لڏ پلاڻ ۾ گذاريو آهي. مون کي ياد ٿو اچي ته ننڍپڻ ۾ سن کان ٻيلو اڪري قاضي احمد تائين، گهٽ ۾ گهٽ ويهه پنجويهه ميل پنڌ ٿيندو، پنهنجي پاءُ سان مال ڪاهي ويو آهيان- ته اهو تحرڪ منهنجي زندگيءَ ۾، منهنجي ضمير ۽ خمير ۾ شامل رهيو آهي ۽ پورهيت پيءُ جو پٽ هئڻ ڪري مون زندگيءَ ۾ هميشه اهو سوچيو آهي ته ماڻهو سچائيءَ ۽ محنت کي پنهنجو شعار بڻائي. مان ٻه ٽي ٽي ميل پنڌ ڪري قاضي احمد اسڪول پڙهڻ ويندو هئس. اڄ جو شاگرد ان حالت ۾ پڙهڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهي. مون" جو دم غافل سو دم ڪافر" کي پنهنجي زندگيءَ لاءِ شعار بڻايو آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته تحرڪ ئي منهنجي زندگي آهي، جيڪڏهن مان تحرڪ ۾ نه هجان ته شايد جيئرو رهي نه سگهان. ان ڪري لازمي طور تي منهنجو گهر، منهنجا ٻار متاثر ٿيا آهن. انهن جون مون سان ضرور شڪايتون به هونديون، پر هو مون سان اها شڪايت نه ڪندا ته مان ڪين نظر انداز ڪيان ٿو. دل ته چوندي آهي ته پيءُ ماءُ کي به پاڻ سان رهائجي، پر هو اباڻا ڪک ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ ڳوٺ ۾ ٻارن جي پڙهائيءَ جو مسئلو ٿئي ٿو- ته مان سمجهان ٿو ته، ان حوالي سان منهنجو ضمير مطمئن آهي. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ منافقي نه ڪئي آهي، پنهنجي وقت کي اجايو نه وڃايو آهي، مون زندگيءَ ۾ ننڊ گهٽ، مطالعو وڌيڪ ڪيو آهي.

**لهرون: سويت يونين ۾ مارڪسزم جي شڪست کان پوءِ سنڌ جي انقلابي رومانوي نسل جي پنهنجي ذات ڏانهن سخت گير واپسيءَ کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟**

**تاج:** منهنجي زندگي آدرشي رهي آهي. مان سمجهان ٿو ته، جيڪو نظريو ڌرتيءَ جي مفادن جو پاسدار ناهي، اهو ڪيڏو به خوبصورت ڇو نه هجي، اهو نامڪمل نظريو آهي- ۽ اها حقيقت آهي ته سنڌ جي اديبن جي پنهنجي ڌرتيءَ سان هميشه وابستگي رهي آهي، پوءِ هو ڀلي ڪهڙو به نظريو رکندا هجن. منهنجي خيال ۾ مارڪسزم، جن به دوستن جو نظريو هو، جيڪي هاڻي ان کان انڪاري ٿي بيٺا آهن، انهن جو مطالعو يا ته سطحي هو يا وري هڪ طرفو. مان اوهان کي ٻڌايان ته، سائين جي ايم سيد تي هڪ تنقيدي ڪتاب "سنڌ سونهاري" لکيو ويو هو، ان ۾ سائين جي ايم سيد کي ڪچيون گاريون لکيون ويون هيون. شاهه محمد شاهه کي، هڪڙي ڀيري ٻانهن کان جهلي سائين چيو، "بابا هي ڪتاب پڙهه" - هو پنجن صفحن کان مٿي نه پڙهي سگهيو، ته سائينءَ ان کي چيو، "تون مون تي لکيل اهو ڪتاب نٿو پڙهي سگهين، مون اهو ڏهه ڀيرا پڙهيو آهي." چوڻ جو مقصد ته، جيستائين اوهان جو مطالعو گهڻ طرفو ۽ وسيع ناهي، تيستائين اوهان جي پنهنجي نظريي سان وابستگي به نامڪمل آهي. اهڙن وسيع القلب ماڻهن جي صحبت ۽ ويجهڙائيءَ جي ڪري نه رڳو منهنجو مطالعو وسيع ٿيو، پر ذهني ڪشادگي به نصيب ٿي. نتيجي ۾ جڏهن مون قوم پرست نظريو اختيار ڪيو ته ان ۾ شاونزم نه هو، ان ۾ عالم جي آباديءَ جو تصور هو، مارڪسزم جي سوچ، جيڪڏهن ذهن کي متاثر ڪيو ته، اها پاڪستان جي ڪميونسٽن جي سوچ، جيڪا انڪار- وطن تي مبني هئي، اها نه هئي. مان جيڪڏهن پاڻ کي قوم پرستي ۽ سوشلزم جي امتزاج جي حوالي سان ڏسان ٿو ته، هيئنر مون کي داغستان جو رسول حمزاتوف متاثر ٿو ڪري، يا سنڌيءَ جا ليکڪ



**مختلف سياسي سوچون رکندڙ اديب سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي ڇو نٿا ورهائجون- ان مان ثابت آهي ته، سنگت ۾ قوت ۽ وسعت آهي.**

شاعر ۽ نقاد **تاج جويي** جو انٽرويو

### تاج کي ڪنهن تاج جي ضرورت ڪانهي

زندگيءَ جي خوبصورت جل پري جيڪڏهن مهربان ٿئي ٿي ته، اُن جو به ڪونه ڪو سبب هجي ٿو. اُهو سبب ڪنهن مقصد هيٺ، فرد جو زندگيءَ ڏانهن مثبت رويو به ٿي سگهي ٿو، ته لازوال حسن جو ڀرپور احساس به ٿي سگهي ٿو. بهرحال ٻنهي حالتن ۾ فرد جمود ڪان تحرڪ ڏانهن بامعنيٰ سفر ڪري ٿو. تاج جويي جي شخصيت تي نهار ڌرجي ٿي ته، تحرڪ اُن جو بنيادي تعارف نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ تاج جي شخصيت واضح طور تي گهرداري، علم، سياست ۽ ادب ۾ ورهايل نظر اچي ٿي، پر اُنهن چئني شعبن سان لاڳاپيل ذميوارن کي بيحد سليقي، محبت ۽ توازن سان نڀائڻ جي ڪري سندس ورهايل شخصيت جو احساس گهٽ ٿي ٿئي ٿو. اُها ٻي ڳالهه آهي ۽ اسان جي پوئين پير ويندڙ سماج جو سانحو آهي ته جيڪو به فرد پنهنجي خلوص، سچائي ۽ جفاڪشيءَ سان سماج ۾ تحرڪ جو سبب بڻجي ٿو، اُن ڏانهن ئي آڱريون کڄنديون رهن ٿيون. مٿس سنڌي ادبي سنگت جي قبضا گيري جو ڌريل الزام جيتوڻيڪ وزندار به آهي ۽ اُن ۾ ڪنهن قدر سچائي به آهي ته، سندس سيڪريٽري جنرل واري عرصي ۾، سنڌي ادبي سنگت نظرياتي سلهاڙپ جي ڪري محدود ٿي ۽ ان جي تخليقي حيثيت متاثر ٿي پر اُها به حقيقت آهي ته اِنهيءَ سڄي عرصي ۾ سنڌي ادبي سنگت ماٺ جو شڪار نه هُئي. بهرحال منهنجي نظر ۾، تاج جويي ڪنهن به صورت ۾ سنگت جي لاءِ هاڃيڪار ڪردار ادا نه ڪيو آهي، نه اُن جي مستقبل ۾ ڪا گنجائش آهي. مان اِن رخ کي سنڌ جي ڪميونسٽن ۽ قومپرستن جي روايتي چپقلش جو حصو سمجهان ٿو. اڄ تاج کي ڏسندي ئي جديد سنڌي ادب، ڪهاڻي توڙي شاعريءَ بابت مختلف اعتراض ۽ الزام، رفوچڪر ٿي وڃن ٿا، ڇاڪاڻ ته ڪابه شڪست، سوڀ جي اکين ۾ اکيون ملائي نٿي سگهي، ڪوبه جمود تحرڪ سان ٽڪرائي نٿو سگهي، ڪوبه مفاد، خلوص کي شڪست نٿو ڏئي سگهي ۽ اِن حيثيت جي ميڃتا لاءِ تاج کي ڪنهن تاج جي ضرورت ڪانهي، اُن اتساهه ڀري مُرڪ جو ضرور طالب آهي جيڪا هو اسانجن ڪومائل چهرن تي ڏسڻ جو خواهشمند آهي. **اياز جاني**

گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي، جن چيو ته، " اسان مارڪسزم کي سنڌوءَ ۾ ٻُڏي ڏياري آهي" متاثر ڪن ٿا. مطلب ته مارڪسزم به اهو جيڪو سنڌ جي حالتن تي اثرانداز ٿئي، قوم پرستي اها جيڪا سنڌ جي حالتن يا سنڌ جي مزاج يا مفاد جي نگران هجي. اسانجن دوستن جو الميو اهو آهي ته، انهن ڪميونزم کي جذباتي ۽ رومانوي انداز ۾ ورتو، حقيقي انداز ۾ نه ورتو، نتيجي ۾ ادريس چانڊئي کان وٺي ارباب کهاوڙ ۽ جام ساقيءَ تائين، جن انقلاب جون وڏيون دعوائون ڪيون، سيني وڃي



جو حسن پسي ٿو، تڏهن هن جو زندگيءَ سان عشق به ٿي وڃي ٿو. مون زندگيءَ جو حسن پسيو آهي، مان ٻهراڙين ۾ رهيو آهيان، مون کي خبر آهي ته سنڌ ڪيتري حسين آهي- استاد بخاريءَ جي لفظن ۾ ته:

زندگي تو ۾ سُرور ڪيڏو آ،
پوئين هڏ کي به پيروي آهي.

ته اهي نوجوان جيڪي اڄ خوبصورت لفظن ۾ فراريت جون ڳالهيون ڪن ٿا، انهن، جن کي پنهنجو آدرش بڻايو، انهن ساڻن دوکو ڪيو آهي، پر آءٌ چوان ٿو ته، هنن کي شخصيت پرستيءَ جي سحر مان نڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن انسانيت جو تُصور اسان جي نوجوان ۾ اچي وڃي ۽ هنن کي انسان جي عظمت ۽ صلاحيت ۾ ايمان اچي وڃي ته، هو نه خودڪشي ڪن ۽ نه فرار جي راهه اختيار ڪن، رڳو اسان شاهه لطيف جي پيغام کي سمجهون، تڏهن به اسان کي مشڪلاتن جو حل ملي پوي- نارائڻ شيام چوائي:

زندگي مسئلا هزار مگر،
مرڪ تنهنجي سين جو حل آهي.

هڪڙي مُرڪ به زندگيءَ جي سمورن مسئلن جو حل آهي ته، معنيٰ مرڪ ۾ جيڪا زندگي آهي، يا زندگيءَ ۾ جيڪا مرڪ آهي، ان کي هن جڏهن پرکيو ته هو مايوس نه ٿيو، جيتوڻيڪ هو وطن کان جلاوطن هو، پر هُن اميد نه ڇڏي. هن جو زندگيءَ سان، پنهنجي وطن سان، نوشهري، نوابشاهه سان لڳاءُ هو، آخر تائين هن جي اکين ۾ آس هئي ته مان پنهنجو وطن ڏسان، پر ڏسي نه سگهيو ۽ جيڪڏهن اها آس اها تمنا اسان جي نوجوانن ۾ اچي ۽ هو پنهنجي ڌرتي، زندگي ۽ پاڻ کي هم آهنگ سمجهن ته هو فرار جي راهه اختيار نه

## اِهو غلط آهي ته مان دانشور ليگ جي ترجيحات تي آهيان.

ڦهڪو ڪيو- ۽ انهن جيتوڻيڪ هاڻي پنهنجي ذات ڏانهن، اولاد ڏانهن توجهه ڏيڻ شروع ڪيو آهي، ذاتي مفادن جو تحفظ ڪرڻ شروع ڪيو آهي، پر آءٌ سمجهان ٿو ته، اهي سڀ ماڻهو جن کان آدرش کسي، پنهنجي ذات ڏانهن ورايو ويو آهي، انهن ۾ هڪڙو اهڙو غلط لاڙو پيدا ٿيو آهي، جيڪو اسان جي نئين نسل کي اوڙاهه ڏانهن وٺي ٿو وڃي. اهي نوجوان جيڪي خوبصورت زندگي گذارين ٿا، سٺن گهرن، بنگلن ۽ سٺين نوڪرين ۾ آهن ۽ عياشين ۾ زندگي گذارين ٿا، پر پوءِ به هو فرار جي راهه اختيار ڪن ٿا، پوءِ به خودڪشيءَ جي راهه اختيار ڪن ٿا. ڪوڙ نوجوان، جيڪي خودڪشي ڪن ٿا، اهي پراڻي وقت ۾ انقلابي هئا، پر انهن جڏهن ڪنهن انقلابي نظريي کي ورتو هو، تڏهن به جذباتي انداز ۾ ورتو هو ۽ انهن جي ذات ڏانهن موٽ به جذباتي انداز ۾ آهي- ۽ هنن زندگيءَ سان پيار ڪرڻ سکيو ئي ڪونه هو. جيڪڏهن هنن کي زندگيءَ سان پيار هجي ها، زندگيءَ جي حسن سان پيار هجي ها ته زندگيءَ کان فرار اختيار نه ڪن ها- ته ڳالهه اها به آهي ته، ماڻهو جڏهن زندگيءَ

ڪن- ته، مان سمجهان ٿو ته زندگي بيحد حسين آهي، ڌرتي حسين آهي ۽ منهنجو ويساهه آهي ته انسانيت سان لڳاءُ جو حُسن ماڻهوءَ کي زنده رکي ٿو.

**لهرون: سنڌ جي انقلابي نوجوانن جي اجتماعيت ڪان ڪٽجي وڃڻ واري سانحي جي پيدا ٿيڻ ۾ سنڌ جي سياسي قيادت جي موقعي پرستيءَ جو عمل دخل به آهي، ڇا اهو سچ آهي؟**

**تاج:** آءٌ سمجهان ٿو ته، ڪجهه قدر ان ۾ سچائي به آهي، پر جيڪي غالب قوتون آهن، جن جا اسان جي سماج تي، اسان جي سنڌ جي اقتصادي ۽ سماجي جوڙجڪ تي جيڪي ڇار وڇايل آهن، انهن به ان شيءِ کي وڌايو آهي. مثلن مان ايئن چوان ته، شاگرد سياست ۾ جيڪو ڏوهه جو لاڙو آهي، ان جي پيدا ڪرڻ ۾ شاگردن ڪان وڌيڪ حڪمرانن قوتن جو هٿ آهي. جيڪي به پارٽيون اقتدار ۾ آيون، انهن پنهنجيون شاگرد ونگز پيدا ڪيون، جڏهن ته دنيا ۾ ائين ڪٿي به ڪونهي ته اقتدارِ واري ڌر وٽ شاگرد قوت هجي.

وڃي." ضروري ناهي تہ اسان نعريبازي ويهي ڪيون. پروپيگنڊائي ادب يا پارٽي ادب پيدا ڪيون. سنڌ جو پنهنجو حسن آهي، ان کي سمايون. ڇا ڪالاباغ ڊيم تي ڪهاڻي نٿي لکي سگهجي؟ ڇا ٿر جي ڪوئلي تي ڪهاڻي نٿي لکي سگهجي؟ مان چوان ٿو تہ علي بابا سنڌ جي روح کي سمجهي ڪهاڻيون لکيون آهن، اها منهنجي هڪ راهہ آهي، اها راهہ مان ڇو ٿو قائم ڪيان، ان ڪري تہ هو جيڪڏهن ڪارونجهر جي ڪولهين تي لکي ٿو تہ، انهن جي ٻولي، انهن جو سماج، انهن جي مسئلن کي ڪڻي ٿو اچي، هو جيڪڏهن ٻاليشاهن تي لکي ٿو تہ انهن جا مسئلا.انهن جون پيڙائون، سوچون، انهن جي سڄي زندگيءَ کي ڪهاڻيءَ ۾ ڪڻي ٿو اچي. مان چوندس تہ، اسان مسئلن ۽ پنهنجي وطن، پنهنجي ڌرتيءَ جي خوشحاليءَ واري تصور کان ڇڄي جيڪو ادب پيدا ڪنداسين، اهو عارضي طور تي ڀلي اهميت جوڳو هجي، پر اهو دائمي حيثيت حاصل ڪري نہ سگهندو.

**لهرون:: هن وقت سنڌي ادبي سنگت لاءِ عام بحث آهي تہ، ان جي بقا ان ۾ آهي تہ ان کي NGO جو روپ ڏجي- سنڌي ادبي سنگت جي ذميوار فرد جي حيثيت ۾، سنڌي ادبي سنگت بابت ان خيال ۽ مجموعي طور تي سنگت جي وجود تي ٿيندڙ تنقيد جي پس منظر ۾ اوهان جو ڇا رد عمل آهي؟**

**تاج:** آءٌ سمجهان ٿو تہ، اين. جي. او جي روپ ۾ سنڌي ادبي سنگت زنده رهي نہ سگهندي. ٺيڪ آهي ان جا مالي وسيلا وڌائڻ کپن، ان لاءِ اسان اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. اسان وٽ جيڪي اين جي اوز آهن، انهن ۾ اهو روح ڪونهي، اهي پيسي ڪمائڻ جو ذريعو ٿي ويون آهن. اين جي اوز جا دوسڪ ڇا ٿا ڪن، اها مون کي خبر آهي. سنڌي ادبي سنگت لٽ ڪٽي هڪلڻ واري شيءِ ڪانهي، سنڌي ادبي سنگت آزاد خيال، روشن خيال ۽ باضمير ماڻهن جي تنظيم آهي، ان کي ان حد تائين رکڻ کپي، ان جي صفن کي مضبوط ڪرڻ کپي. ڪجهہ دوستن جو چوڻ آهي تہ، سنگت اديب پيدا نٿي ڪري سگهي. اديب ڪنهن سانچي ۾ ويهي گهڙيا تہ ڪونهن، ادب لاءِ اتساهہ ۽ جذبو پيدا ٿيندو آهي. سنڌي ادبي سنگت تہ گڏ ويهڻ، سمجهڻ ۽ هڪٻئي ڏانهن تنقيدي روين کي اختيار ڪرڻ جو هڪ ادارو آهي. ڪجهہ دوستن سنگت کي مٽل گهوڙو سمجهيو- حقيقت ۾ اهي پنهنجي وجود ۾ مٽل گهوڙا ٿي ويا آهن، جڏهن تہ سنڌي ادبي سنگت ساهہ کڻندڙ ادارو آهي، جتي اسان سڀ ويهي آزاديءَ سان ساهہ کڻون ٿا. هن وقت جڏهن سنڌ جو سياسي پليٽ فارم ٽڪرن ۾ ورهائجي چڪو آهي، تہ مختلف سياسي، سوچون رکندڙ اديب سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي ڇو نٿا ورهائجن. ان مان ثابت آهي تہ، سنگت ۾ قوت ۽ وسعت آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ، سنگت نہ رڳو ادب، پر سنڌ جي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪري سگهي ٿي. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم کي، اسان ادبي ۽ قومي مسئلن لاءِ هڪ حد اندر استعمال ڪري، پنهنجي لاءِ بهتر ۽ ڪارآمد ادبي ادارو بڻائي سگهون ٿا.

**لهرون: سنڌي ادبي سنگت جي هاڻوڪي سيڪريٽري جنرل اياز گل جي ڪارڪرگيءَ کان اوهان مطمئن آهيو؟**

**تاج:** اياز گل تہ منهنجو دوست بہ آهي پر هو ڏاڍو نفيس قسم جو ماڻهو آهي. چوڻ جي ڏينهن ۾ بہ ڪجهہ دوستن جو چوڻ هو تہ، "اياز گل نفاست پسند آهي، سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ نڀائي نہ سگهندو" مون دوستن کي چيو تہ "هن ماڻهوءَ ۾ صلاحيت آهي، پهرين تہ هو جوابداري کڻندو ڪونہ، جي کڻندو تہ پوءِ نڀائيندو"- ۽ اڄ سنڌس تحرڪ کي ڏسندي مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ، ماڻهوءَ تي جڏهن جوابداري اچي ٿي تہ، ان ۾ ذميواريءَ جو احساس پيدا ٿي وڃي ٿو. اياز گل جو مثبت رويو اهو آهي تہ، هو نمائشي انداز کان هٽي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اهڙا مثبت قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جيڪي سنڌي ادبي سنگت کي مستقل اداري جو روپ ڏئي سگهن ٿا. اشاعتي يا سيمينارن جي حوالي سان ڪم ڪجهہ گهٽ ٿيو آهي، پر سنگت جي گولڊن جوبلي سال ملهائڻ لاءِ هن جون تياريون هلن پيون، ممڪن آهي اتي ڪي نيون شيون متعارف ڪرائڻ.

**لهرون: سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ اوهان جي مقرري ٿي رهي آهي، ان بابت ڇا ايئن چئجي تہ، ادب جو متحرڪ ڪردار ڪيش ٿيو آهي؟**

**تاج:** ڳالهہ اها آهي تہ، ان سلسلي ۾ مون ڪا بہ ذاتي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. آءٌ اڳ ئي ١٨ گريڊ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهيان، جڏهن تہ سيڪريٽريءَ جو عهدو بہ ١٨ گريڊ جو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ، مون سڄي زندگي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندي گذاري آهي. مان اها شيءِ ٻولي ۽ ادب جي خدمت جي حوالي سان قبول ڪئي آهي، جنهن وقت بہ مون محسوس ڪيو تہ، مان ان ۾ ڪامياب نٿو وڃان، مان واپس پنهنجي کاتي ۾ موٽي سگهان ٿو. مون کي هتي ڪا اسپيشل سهولت ڪانہ ڏني وئي آهي. فرض ڪيو ان کان مٿيري شيءِ ڏني وڃي ها تہ پوءِ توهان ان کي سياسي رشوت بہ چئي سگهو ها. منهنجو ضمير مطمئن آهي تہ، مان رعايت وٺي ڪونہ ٿو وڃان- ۽ توهان ان سڄي پراسيس کي ڏسندؤ تہ منهنجو رڳو نالو اخبار ۾ آيو تہ، ڪجهہ دوستن پنهنجي پاران مختلف قسم جا الزام هنيا، جن مون کي Heart ضرور ڪيو آهي، پر مان ڪليل دل جو مالڪ آهيان. آءٌ چوان ٿو تہ، منهنجي باري ۾، منهنجن نظرين جي باري ۾ کليءَ دل سان لکڻ کپي. بجاءِ ان جي، جو جن شين سان منهنجو واسطو ناهي، اهي مون تي مڙهيو وڃن. مثلن انهن دوستن مون کي دانشور ليگ جي ترجيحات ۾ ڄاڻايو آهي. اهو سراسر غلط آهي تہ، مان دانشور ليگ جي ترجيحات تي آهيان. مان سنڌي ادبي سنگت جي مقابلي ۾ هزارين دانشور ليگون قربان ڪرڻ واري سوچ جو ماڻهو آهيان. آءٌ جتي بہ هوندس، اتي سنڌي ادبي سنگت جو ڪارڪن هوندس. آءٌ پنهنجن روين ۽ سوچن جي اظهار ۾ جيئن اڳ رهيو آهيان تيئن اڄ بہ آهيان. آءٌ بنيادي طور ان ڳالهہ ۾ يقين رکان ٿو تہ، ماڻهو جتي ۽ جنهن اداري ۾ ڪم ڪري، خلوص، سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ڪري. پرائمري کان ڪاليج جي ماستريءَ واري عرصي دوران، ڪو ماڻهو مون ڏانهن آڱر کڻي، مون کي "گوسڙو استاد" يا فرض ۾ ڪوتاهي ڪندڙ ثابت نہ ڪري سگهندو.مون باوجود گهڻين مصروفيتن جي، هڪ لمحي لاءِ تدريسي فرض ۾ غفلت نہ ڪئي آهي. منهنجو رڪارڊ ۽ شاگردن جي مون سان والهانہ محبت ۽ وابستگي منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي. هن وقت جيڪڏهن سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ ۾ سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ وڃي رهيو آهيان تہ، مان اتي بہ ضمير جي سچائيءَ سان ڪم ڪندس.

**لهرون: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت جو، اوهان جي ذهن ۾ ڪهڙو خاڪو آهي؟**

**تاج:** مان سمجهان ٿو تہ، سنڌي، سنڌ جي سرڪاري زبان تہ آهي، پر اها عملي طور نافذ نہ ٿي سگهي آهي. انٽرنيٽ تي سنڌي زبان کي متعارف ڪرائڻ، انڊس اسڪرپٽ "سنڌو لکت." تي ڪوجنا وارا پهلو اڃا پڌرا نہ ٿيا آهن. هن اداري ۾ رهي آءٌ ڪوشش ڪندس تہ، انڊس اسڪرپٽ تي ٿيل تحقيق جي دائري کي وڌائجي. منهنجي علم ۾ آهي تہ، اسان جي محترم ۽ وطن دوست بزرگ عطا محمد ڀنڀري هن وقت تائين "سنڌو لک" تي انگريزيءَ مان ١٨ ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. هڪ شخص جڏهن اڪيلي سر ايڏي محنت ڪري سگهي ٿو تہ، اهڙي لائق ماڻهوءَ جي مدد سان سنڌي لينگويج اٿارٽي انڊس اسڪرپٽ جي پڙهڻي Besipherment طرف قدم وڌائي سگهي ٿي. سنڌي کي اي-ميل ۽ انٽرنيٽ تي متعارف ڪرائڻ لاءِ سنڌي لينگويج اٿارٽي انهن نوجوان جون خدمتون حاصل ڪري سگهي ٿي، جن اُن ڏس ۾ تحقيق جوڳو ڪم ڪيو آهي. سنڌي ٻولي مختلف ادارن ۾، عملي طور تي لاڳو ڪرڻ لاءِ سنڌي لينگويج اٿارٽي اپاءَ وٺي سگهي ٿي. سنڌي انسائيڪلوپيڊيا، سائنسي ڊڪشنري، سماجي ڊڪشنري ۽ لغتن جي تياري ڪرائي سگهي ٿي. سنڌ ۾ آباد غير سنڌي ماڻهن ۽ شاگردن ۾ سنڌي زبان جي ڄاڻ پکيڙي سگهي ٿي. سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ عالمن کي ميڄنا ڏئي، انهن وسيلي انڊس اسڪرپٽ جي ڳجهارت جو ارٿ معلوم ڪري سگهي ٿي. هي ادارو صرف پگهار کڻندڙ ملازمن جو ادارو نہ هجڻ گهرجي، پر هن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن ۾ ٻولي ۽ ادب جي محبت وارو جذبو هجڻ گهرجي. سنڌي ڪتابن جي وڪري جي ڏس ۾ نئين انداز ۾ ڪم ڪري سگهجي ٿو. اخبارن ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي ٻولي تي نظر Watch رکي سگهجي ٿي. علمي ۽ ادبي اصطلاحن جي تحقيق لاءِ عالمن جون خدمتون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. ڪمپيوٽر جي ميدان ۾ سنڌيڪا، سهڻي، پيس ڪمپوزر يا ڪن نوجوانن پاران شخصي سطح تي، ڪمپوزنگ جي مختلف فونٽن تيار ڪرڻ جي ڏس ۾، جيڪا سرگرمي آهي، ان کي محدود دائري مان ڪڍي، عام ڪرڻ ۾ سنڌي لينگويج اٿارٽي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، تہ جيئن سنڌ اندر ڪمپوزنگ جي دنيا ۾ آيل انقلابي تبديلن کي سڄي دنيا اندر رهندڙ سنڌين تائين متعارف ڪرائي سگهجي. نصابي ڪتابن جي تياري ۽ درست ٻوليءَ جي استعمال ۾ هي ادارو پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو، ۽ ڪوڙ اهڙا ٻيا رخ آهن جن تي ڪم ڪرڻ جي گنجائش آهي. آءٌ سنڌي ادبي سنگت، سينيئر اديبن ۽ اداري جي ڪارڪنن جي تعاون سان وس آهر مٿين ڳالهين جي تڪميل طرف قدم وڌائڻ جي تمنا رکان ٿو ۽ مون کي پڪ آهي تہ، سنڌ جا نوجوان ۽ سينيئر اديب، سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ سان مڪمل سهڪار ڪندا ۽ هن اداري کي پنهنجو ادارو سمجهندا.

شڪارپور مان حاصل ڪئي. گريجوئيشن سکر ۽ ايم ايس سي ۱۹۷۴ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي تيز هوائن جي ٻهڪندڙ ۽ ٻلندڙ ماحول مان پاس ڪئي، جتي جوانيون پنهنجن مقصدن ۽ محبتن جي ڪاروان جي اڄ به تسلسل ۾ آهن. هي پنهنجي دؤر جي پڳ مٽ يارن سليم ڪورائي، غفار سومري، طارق اشرف ۽ ادل سومري جي جوڙ جو خوش مزاج، آزاد ذهن رکندڙ ۽ دل دريا حرڪتي ماڻهو به رهيو آهي. گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه دؤر اسلاميه هاءِ اسڪول سکر ۾ ٽيچر به رهيو ۽ زندگيءَ جي انهن سمورن حرڪتن ۽ محبتن جي ڪل مک سان ڪجهه وقت طارق اشرف سان سهڻيءَ رسالي ۾ به گڏ رهيو.

قبول ابڙو جنهن جي زندگيءَ جي اصل شاهراهن ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ سندس والد صاحب، جيڪو انهيءَ دؤر جو نندو واپاري هو، جي فڪر جي ڇانوَ جو گهرو تعلق آهي ۽ هي پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي والد صاحب جي تمام گهڻن پهلوئن کان متاثر آهي، جنهن جي شفقت، فڪر ۽ اصولن قبول



کي سٺي ماحول ۽ زندگيءَ جون آسانيون فراهم ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي، جنهن جي ڪري هن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل تعلقن ۾ Balance ۽ Space واري شخصيت واضح نظر ايندڙ آهي، تنهن جي باوجود به ماڻهوءَ ۾ ڪي خال ضرور هجن ٿا، جن کي ڀَرِي نٿو سگهجي.

ادب ڏانهن متوجهه ڪرڻ ۽ قبول کي ليکڪ بڻائڻ ۾ اردوءَ جي مشهور اديب فرحت اعجاز جو گهڻو هٿ رهيو، جيڪو سائنس اسلاميه هاءِ اسڪول سکر ۾ گڏ ٽيچر به رهيو. پهريان هن مختلف مضمونن ۽ ڪهاڻين جا ترجما ڪيا، جن طارق اشرف کي تمام گهڻو موهي وڌو ۽ طارق اشرف ڪيس ترجمن لاءِ اُتساهيندو رهيو، جن مان ڪجهه ڪهاڻين جا ترجما سهڻيءَ ۾ ڇپيا.

بنيادي طرح قبول ابڙو پنهنجي لکڻين جي حوالي سان هڪ سٺي ناول نگار ۽ بهترين ترجمي نگار جي سڃاڻپ رکي ٿو. هن وقت تائين هن جا ڪُل ست ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ٽي تخليقي ناول: "جيون جيونُ سَڏڪا سڏڪا"، "ڊنل اکين جا خواب" ۽ "ٽڪندو" شامل آهن. انهيءَ کان سواءِ ترجمن جي حوالي سان American Short Stories جا ٽي ڪتاب ڇپيل اٿس، جيڪي اڄ جي دؤر ۾ به سٺن ڪتابن ۾ شامل آهن، جن ۾: "شڪر آ مڙس ته مليو"، "رات جو ٻارهين وڳي" ۽ "مون کي مڙس نه کپي" پڙهندڙن جي ذهني طلب پوري ڪندڙ ڪتاب آهن. قبول ابڙي جا امر سنڌيءَ جي نالي سان پڻ ٽي ڪتاب ڇپيل آهن: "دل ته ڏئي ڏِسُ"، "دل جا زخم" ۽ "ڪنوار ماءُ" - قبول، جيڪو پنهنجي شخصيت ۾ واضح روپ رکندڙ شخص آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ادب دوستن جي مصنوعي محبتن جي آڳ ۾ پنهنجي اعتماديءَ واري تعلق سان گڏ پنهنجي دوستيءَ جا شفاف ۽ نيڪ نيتيءَ منجهان انهن دوستن ڏانهن وڌايل هٿ به ساڙائي ٿو وجهي، پر اِها قبول ابڙي جي شڪست ڪانه آهي.

**ڪار ۾ ڪنهن سنگتيءَ کي ويهاري لانگ ڊرائيو تي نڪرندو آهي، شايد ته امرسنڌيءَ جي ڳولا ۾ نڪري ويندو آهي، جنهن سان نه رڳو ڪيس پر سليم ڪورائيءَ ۽ ادل سومري کي ملڻي به ڪو عرصو ٿيو آهي! ......**

اهو وقت اڄ به پرل ڪانٽيننٽل جي هال ۾ ويٺل اديبن ۽ دوستن کان نه وسريو هوندو، جڏهن قبول ابڙي جي ناول ٽڪنڊي جي مهورت تي ڳالهائيندي ڪِن اديبڙن پنهنجي بيخبريءَ کان ڪم وٺندي ۽ پنهنجي روايتي آپي مان نڪرندي تنقيدي مُنهن مٿو پٽيو هو. تنهن تنقيد انهيءَ محفل ۾ مهمان اديبن کي به حيران ڪري ڇڏيو، ايتريقدر جو پروگرام جي صدارت ڪندڙ علي احمد بروهي چوڻ لڳو: دوستو! قبول ابڙي ناول لکيو آهي، ڪو ڏاڙو يا ڦر ڪونه ڪئي اٿائين......؟

بهرحال، اهو سنڌي ادب ۾ اديبن جو دوستيءَ جي ڪُکِ ۾ منافقيءَ جو ڄُرو هڻڻ ڪا نئين روايت ڪانه آهي ۽ انهيءَ اهڙي قسم جي ورتاءَ ۽ عمل کي نِنڍڙيون سوچون رکندڙ ماڻهن جون ڳالهيون سمجهي يا ڪنهن معصوم ٻار جي حرڪت سمجهي، وساري ڇڏجن ته چڱو ٿي ٿيندو.

"ڊنل اکين جا خواب" هڪ رومانوي ۽ انقلابي پسمنظر ۾ سنڌ جي حالتن جو واضح عڪس آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ سندس اڻڇپيل ناول "پنهنجي گهر ۾ اجنبي" ضياءَ جي دؤر جي بربريت ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جي تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهي، جيڪو سندس مصروفيتن سبب ڇپجي نه سگهيو آهي. جيتوڻيڪ اڄ انهيءَ دؤر ۽ حالتن ۾ گهڻي تبديلي اچي وئي آهي پر هر ناول هڪ دؤر جي تاريخ ضرور ٿئي ٿو، جنهن جي مطالعي ڪرڻ کانپوءِ انهن حالتن ۽ انهيءَ دؤر جي سماجي ۽ سياسي بيهڪ جو واضح اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

انهن سنجيده تاريخي موضوعن سان گڏ قبول ابڙي، سليم ڪورائي ۽ غفار سومري گڏيل طور تي امر سنڌيءَ جي نالي سان جنسي ناول به لکيا، انهن ناولن ۾ فڪري طور ٽئي گڏ مشورا ڪندا هئا، پر قلم قبول ابڙي جو هلندو هو ۽ وري ناولن جا نالا ادل سومرو ترتيب ڏيندو هو. جيڪي ڏاڍا سُهڻا ۽ پڙهندڙن ۾ هلچل مچائيندڙ قسم جا هوندا هئا. مارڪيٽ ۾ ايندي ئي خريدار هٿون هٿ کڻي ويندا هئا ۽ پبلشر امر سنڌيءَ کي ڳوليندا وتندا هئا، جنهن لاءِ پبلشر اڳواٽ پئسا ڏئي سليم ڪورائي ۽ قبول ابڙي کي بُک ڪري ويندا هئا. ۽ ان امر سنڌيءَ جي نالي امر جليل کي به پريشان ڪيو ۽ پڙهندڙن اهو ڄاتو ته هي ناول امر جليل ٻئي نالي سان پيو لکي، اهو ان ڪري به ڄاتو ويو ته پهرين ناول ۾ ڪردار ۽ فڪري پسمنظر امر جليل جي شهر روهڙيءَ جو هو ڪجهه عرصي کان پوءِ هي امر سنڌي پڙهندڙن ۽ ليکڪن اڳيان واضح ٿيو ته هي سڀئي حرڪتون، محبتون ۽ دل لڳيون ٻن يارن قبول ۽ سليم ۽ جون آهن.

قبول جو عام ماڻهن تائين گهڻو نه پهچڻ جو سبب هن جو ٿورو لکڻ ۽ اديبن سان ميل جول گهٽ هئڻ وري ڪم ٿي وڃڻ آهي. ٻيو خاص سبب ٻڌائيندي قبول چيو ته، "هن کان پهرين ٽهي، جن ۾ سراج، اياز، قمر شهباز، غلام نبي مغل، عبدالقادر جوڻيجو، امر جليل، امداد، جمال وغيره جيڪي پنهنجي ئي حلقي جي يارن دوستن کي هر هنڌ Project ڪندا رهيا، جنهن ڪري هن جڏهن به ڪٿي ذڪر ڪيو ته پنهنجي يارن دوستن جو ئي ڪيو ۽ پاڻ تائين محدود رهيا ۽ جڏهن هن جي ٽهيءَ جي گهڻن يارن لکڻ گهٽ ڪيو ۽ خال پيدا ٿيو، رسالن ڪتابن مان هن جو نالو گهٽجڻ لڳو ته پوءِ هن مجبوراً اسان کان پوءِ واري ٽهيءَ کي قبول ڪرڻ شروع ڪيو، جن ۾ نورالهديٰ شاهه، محمود مغل، شوڪت شورو وغيره هئا ۽ اسان جن ۾ آءٌ، سليم ڪورائي ۽ ٻيا نالا اچي وڃن ٿا، ٻنهي ٽهين جي وچ ۾ لڙڪيل رهياسين، جنهن ڪري پنهنجي مقبوليت متاثر ٿي ۽ عام ماڻهوءَ تائين نالن جي پهچ به گهٽ رهي ۽ سليم ڪورائي جيڪو مون کان وڌيڪ سٺو لکي ٿو، هڪ بهترين اسٽوري رائيٽر آهي، اهو به انهيءَ الميي جو شڪار رهيو ۽ جيڪڏهن ڪنهن اسان جي لکڻين جو ذڪر ڪيو




For information please contact accredited Suzuki Dealers, or

**PAK SUZUKI MOTOR CO. LTD.**

Marketing Division Karachi : Tel: 0201-750102-4, 750789, 750799.
Fax: 0201-750101.
Rawalpindi Area Office : Tel: 567518. Fax: 585738.
Lahore Area Office : Tel: 5713026 Fax : 5751953

**MEHRAN**
*The largest selling car in Pakistan*

ORIENT/McCANN

جيڪا هو ڏسي سگهي ٿو، جيئن موسم ڪيئن آهي، هو نہ ٿو ڄاڻڻ چاهي اها ڳالهہ جيڪا هو ٻڌي سگهي ٿو، جيئن ماڻهو جيڪو بہ ڳالهائن ٿا. نہ ٿو ڄاڻڻ گهري ان شيءِ کي جنهن جي هن کي خبر آهي، جيئن ٻلب کولڻ. ڳالهہ اصل ۾ اها آهي."

"هان! اها ڳالهہ آهي!" ماڻهن چيو ۽ وري ملڻ لاءِ نہ آيا.

۽ اهو شخص اوندهہ ۾ ئي ويٺو رهيو

نيٺ هن جي زال هن لاءِ ماني کڻي آئي ۽ هن کان پڇيو:

"هاڻي تون ڇا ڇا نہ ٿو ڄاڻين؟"

۽ هن چيو: "مان اڃا تہ سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو." هو ڪيڏو غمگين هو، ان ڪري جو هو اڃا بہ سڀ ڪجهہ ڄاڻي پيو.

تڏهن هن جي زال هن کي آٿت ڏيندي چيو: "تون هاڻي اهو تہ نہ ٿو ڄاڻين تہ موسم ڪيئن آهي."

"ڪيئن آهي، اهو تہ مان نہ ٿو ڄاڻان" ان شخص چيو: "پر ڪيئن ٿي سگهي ٿي، اهو مان ڄاڻان ٿو- مون کي مِينهوڳي ياد آهي ۽ اُس وارا ڏينهن بہ ياد آهن."

"توکان اها ڳالهہ بہ وسري ويندي." زال چيو.

۽ هن چيو: "اها ڳالهہ ماڻهو ڪيڏي سولائيءَ سان ڇڏي ٿو ڇڏي."

۽ هو اوندهہ ۾ ئي ويٺو رهيو ۽ هن جي زال ايئن ئي هن لاءِ ماني کڻي ايندي رهي ۽ اهو شخص ٿالهيءَ کي ڏسندو رهيو ۽ چوندو رهيو:

"مان اهو ڄاڻان ٿو تہ هي پٽاٽا آهن يا هي گوشت آهي يا مان گوبي سجاڻان ٿو، هر جتن بي سُود آهي، مون کي سدائين هر شيءِ جي ڄاڻ هوندي ۽ لفظ جيڪو مان ڳالهائيندس ان جي معنيٰ جي مون کي خبر هوندي."

۽ جڏهن ٻئي دفعي زال پڇيس تہ:

"هاڻي تون ڇاڇا ٿو ڄاڻين؟" تہ هن چيو:

"مان هاڻي اڳي کان بہ سرس ٿو ڄاڻان، مون کي رڳو اهائي ڄاڻ نہ آهي تہ موسم سٺي ڪيئن ٿيندي آهي ۽ خراب ڪيئن، پر هاڻي تہ مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ ڪابہ موسم نہ هئڻ ڪيئن هوندو آهي ۽ مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ اوندهہ ڪيڏي بہ گهُگهہ ڇونہ هجي پوءِ بہ مڪمل گهُگهہ نہ هوندي آهي."

"ڪجهہ ڳالهيون اهڙيون بہ آهن، جيڪي تون نہ ٿو ڄاڻين" هن جي زال چيو ۽ وڃڻ لاءِ مُڙي ۽ جڏهن هن زال کي روڪيو تہ هن چيو:

"توکي اها خبر ناهي تہ سٺي موسم کي چيني زبان ۾ ڇا چئبو آهي." ۽ هوءَ هلي وئي ۽ هُن در جا طاق پنهنجي پويان بند ڪري ڇڏيا.

تڏهن اهو شخص، جيڪو وڌيڪ ڪجهہ بہ ڄاڻڻ نہ پيو چاهي، سوچڻ لڳو. هن کي سچ پچ بہ چيني ٻوليءَ نہ پئي آئي ۽ ايئن چوڻ جو ڪو فائدو نہ هو تہ مان اهو بہ ڄاڻن نہ ٿو چاهيان، ان ڪري جو هو اڃا ان کي نہ پيو ڄاڻي.

"مونکي اڳ ۾ اها ڄاڻڻ گهرجي، جنهن کي مان نہ ٿو ڄاڻڻ چاهيان." ان شخص وڏي واڪ اهو چيو ۽ دري کولي ڇڏي. دريءَ جي ٻاهران مِينهن وسي رهيو هو ۽ هو مينهن وسندي ڏسندو رهيو.

پوءِ هو چيني ٻوليءَ جا ڪتاب وٺڻ شهر ويو ۽ واپس آيو تہ هفتن جا هفتا ڪتابن ۾ منهن وجهون، چيني لفظ پنن تي لکندو رهيو.

۽ جيڪڏهن ماڻهو هِن سان ملڻ ايندا هئا تہ جوٽس انهن کي چوندي هئي تہ: "دراصل ڳالهہ اها آهي تہ هو چيني ٻولي سکي رهيو آهي."

۽ پوءِ ماڻهو وري ملڻ نہ آيا.

مهينا لڳي ويا ۽ سال، جيستائين هو چيني ٻولي سکي ۽ جڏهن هن چيني ٻولي سکي ورتي تہ، هن چيو:

"منهنجو علم ناڪافي آهي."

"مون کي سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ گهرجي پوءِ مان ڇٽي سگهندس تہ مان وڌيڪ ڪجهہ بہ ڄاڻڻ نہ ٿو چاهيان. مان ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ شراب جو ذائقو ڪيئن هوندو آهي، سٺي شراب جو مزو ۽ خراب شراب جو مزو- ۽ جڏهن مان ٻٽالا کاوان ٿو تہ مون کي خبر هئڻ گهرجي تہ اهي پوکبا ڪيئن آهن، مون کي خبر هئڻ گهرجي تہ چنڊ ڪيئن ٿو ڏسجي، ڇوتہ مان جڏهن ان کي ڏسندو آهيان ان وقت بہ مون کي خبر نہ هوندي آهي تہ اهو ڪيئن ٿو ڏسجي ۽ مان اهو بہ ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ ماڻهو چنڊ تي ڪيئن ٿو پهچي سگهي."

"۽ جانورن جي نالن جي مون کي خبر هئڻ گهرجي ۽ انهن جي شڪل ڪيئن آهي اها بہ ۽ اها بہ تہ هو ڇا ڪندا آهن."

پوءِ هن سيهڙن جي باري ۾ هڪ ڪتاب ورتو، هڪ ڪتاب ڪُڪڙن جي باري ۾ ۽ هڪ جهنگلي جانورن جي باري ۾ ۽ پوءِ هن هڪ ڪتاب گينڊي جي باري ۾ ورتو ۽ گينڊو هن کي ڏاڍو چڱو لڳو.

هو جانور ڏسڻ باغ ۾ ويو، اتي هن گينڊو ڏٺو، جيڪو هڪ وڏي لوڙهي جي پويان ويٺو هو ۽ بلڪل خاموش ويٺو هو.

۽ اِن شخص غور سان ڏٺو تہ، گينڊو سوچي رهيو هو ۽ ڪا ڳالهہ ياد ڪري رهيو هو ۽ هن ڏٺو تہ هن کي ڪا ڳالهہ ياد ڪرڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿئي.

۽ هر دفعي جڏهن گينڊي کي ڪا ڳالهہ ياد پئي آئي تہ هو خوشيءَ مان وٺي پيو ڊُڪون پائي، ٻہ ٽي چڪر لوڙهي ۾ لڳائي اها ڳالهہ وساري پئي ڇڏي، جيڪا هن کي ياد پئي آئي- وري چڱي دير تائين ويٺو رهيو ڪلاڪ، ٻہ ڪلاڪ. وري کٽي پيو ڊڪون پائي جيئن ئي ان کي ڪا ڳالهہ ياد پئي آئي.

۽ جيئن تہ هو هر دفعي وقت کان اڳ ۾ ئي پيو ڊُڪَ پائي، ان ڪري ان کي ڪابہ ڳالهہ ياد نہ پئي رهي.

"مان گينڊو ٿيڻ ٿو چاهيان." هن چيو، پر هاڻي ان جو وقت نڪري چڪو هو، پوءِ هو گهر ويو ۽ پنهنجي گينڊي جي باري ۾ سوچيندو رهيو ۽ هو ان ڪانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ئي نہ ڪندو هو.

"منهنجو گينڊو." هن چيو، "ڏاڍو آهستي ٿو سوچي ۽ وقت کان اڳ ۾ ئي وٺي ٿو ڊُڪَ پائي ۽ اها ڳالهہ سٺي ناهي" ۽ هن کان وسري ويو تہ هو ڇاڇا نہ پيو ڄاڻڻ چاهي تہ جيئن وڌيڪ ڪجهہ نہ ڄاڻي سگهي ۽ هو پنهنجي زندگي اڳ وانگر ئي گذارڻ لڳو. سواءِ ان جي تہ هاڻي هو چيني ٻولي بہ ڄاڻي پيو ■

## بقايا... آمريڪا جو ڪو وجود ڪونهي

پوندي، جيستائين وچي اها سرزمين ڳولي لهو- توهان کي همت نہ هارڻ گهرجي" ڪولمبين چيو ۽ ڪيس ڊپ بہ پئي ٿيو ڇوتہ اهو سڀ ڪوڙ هو ۽ ڪيس خبر هئي تہ ان سرزمين جو ڪو وجود ڪونهي- سندس نِنڊ ئي اڏامي وئي-

پر آميريگو ويسپوچي ڳولا ۾ نڪري پيو- ڪنهن کي پتو نہ هو تہ هو ڪهڙي طرف ويو هو. شايد هو بہ جهنگ ۾ لڪيو رهيو.

نيٺ وري بگل وڳو- آميريگو واپس موٽي آيو- ڪولمبين جو منهن ٽامڻي هڻي ويو هو- هو پاڻ ۾، ان مشهور ملاح ڏانهن ڏسڻ جي همت نہ پيو ساري سگهي. ويسپوچي، بادشاهہ جي اڳيان حاضر ٿيو- هن ڊگهو ساهہ کنيو- ڪولمبين کي اک هڻيائين ۽ وڏي واڪي چيو. "منهنجا بادشاهہ، اها سرزمين واقعي موجود آهي."

ڪولمبين ڏاڍو خوش ٿيو، جو ويسپوچي سندس راز نہ کوليو هو، هو ڊوڙندو ڏانهس وڌيو- گرمجوشيءَ سان ساڻس هٿ ملايو ۽ چيائين "آميريگو، منهنجا پيارا آميريگو."

ماڻهن سمجهيو تہ اهو ئي ان سرزمين جو نالو آهي ۽ هنن ان سرزمين جو جنهن جو ڪو بہ وجود نہ هو "آمريڪا" نالو رکي ڇڏيو-

"هاڻي تون مڙس ماڻهو آهين." بادشاهہ ڪولمبين کي چيو، "اڄ کان تنهنجو نالو ڪولمبس آهي."

۽ ڪولمبس مشهور ٿي ويو ۽ سڀ ماڻهو سندس عزت ڪرڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ سُس پُس ڪرڻ لڳا، "هن آمريڪا ڳولي لڌي آهي."

۽ سيئي ماڻهو سمجهندا هئا تہ آمريڪا جو وجود آهي- رڳو ڪولمبس کي يقين نہ هو- سچي ڄمار ڪيس ان بابت شڪ رهيو، پر ڪيس همت نہ ٿي اصل حقيقت جي باري ۾ پڇڻ جي-

سٽت ئي هڪ ٻئي پويان ٻين بيشمار ماڻهن آمريڪا جو رُخ ڪيو ۽ جيڪي ماڻهو موٽيا آهي چوندا هئا، "آمريڪا واقعي آهي."

"مان" ان شخص چيو، جنهن کان مون اها آکاڻي ٻڌي آهي، "ڪڏهن آمريڪا نہ ويو آهيان- مون کي خبر ناهي تہ آمريڪا ڄائي آهي بہ- شايد ماڻهو ايئن مڙئي ڪولمبس جي دل رکڻ لاءِ چون ٿا- ۽ جڏهن بہ ماڻهو هڪ ٻئي سان آمريڪا جون ڳالهيون ڪندا آهن تہ اهي اڄ بہ هڪ ٻئي کي اکيون هڻندا آهن- "آمريڪا" هو شايد ئي ڪڏهن چوندا آهن. گهڻو ڪري چوندا آهن "اسٽيٽس" يا "سمنڊ پار" وغيره-

شايد ماڻهن کي، جيڪي آمريڪا وڃڻ چاهن ٿا، هوائي جهاز ۾ يا بحري جهاز ۾ ڪولمبين جي ڪهاڻي ٻڌائي ويندي آهي- پوءِ هو بہ ڪٿي لڪي ويندا آهن ۽ پوءِ موٽندا آهن تہ ڪائو بوائز، آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتن، نياگرا آبشار، ميسي سيپي، نيويارڪ ۽ سان فرانسسڪو جون ڳالهيون ڪندا آهن-

بهرحال سيئي اڃي هڪ جهڙا احوال ڪنيندا آهن ۽ سڀ اهوئي ڪجهہ ٻڌائيندا آهن، جيڪي کين ايڏانهن وڃڻ کان اڳ ۾ معلوم هوندو آهي، ۽ اها ڳالهہ ڏاڍي اڻ ويساهي آهي.

ماڻهو اڃا تائين ان تي لڙندا جهڳڙندا آهن تہ ڪولمبس هو ڪير؟ مون کي خبر آهي ان جي حقيقت جي ■

یہ جاننے کے لیے کہ
پچھلے نوّے سال سے زائد عرصے سے رُوح افزا
کروڑوں شائقین کا پسندیدہ مشروب کیوں ہے،
آپ کو کسی تردّد کی ضرورت نہیں :

صرف

# رُوح افزا

کا ایک گلاس نوشِ جاں کیجیے۔

ہر قیمت پر معیار




ٹھنڈک اور فرحت لیے تازگی بھرا ذائقہ

ہمدرد

مدینۃ الحکمہ تعلیم، سائنس اور ثقافت کا عالمی منصوبہ۔
آپ ہمدرد دوست ہیں۔ اعتماد کے ساتھ مصنوعاتِ ہمدرد خریدتے ہیں۔ جائز منافع بین الاقوامی شہرِ علم و حکمت کی تعمیر میں لگ رہا ہے۔ اس کی تعمیر میں آپ بھی شریک ہیں۔

Adarts-HRA-8/97

# گس ٻٽي

ڪيهر شوڪت

"گهوڙا ڙي!
هي ڇا ٿي ويو!
پيءُ جي
حڪومت ۾
پاڻ کُسجي
ويو! سو بہ
پوليس جي
هٿان،
هيئن تہ
ڪنهن بہ
ڏور ۾ نہ ٿيو
آهي...!!"



نئين مان اُٿان ٿو، صبوح ايئن آهي، جيئن ٻيا صبوح هوندا آهن، ڪو غير معمولي صبوح نٿو لڳي. رات بہ ايئن هئي، جيئن عام راتيون هونديون آهن. ڪنهن بہ خيال کان غير معمولي رات نہ هئي. تيار ٿي آفيس ۾ اچان ٿو، تہ پٽيوالو حيران ڪري وجهي ٿو.

"سائين توهان تہ خير سان پهچي ويو نہ؟"

"ها ڇو؟" ايئن ئي پڇان ٿو.

"سائين مان تہ پاڻ بچائيندو پنڌ آيو آهيان. لياري بند آهي، ٽريفڪ تي پٿراءُ پيو ٿئي."

"پٿراءُ پيو ٿئي! ڳالهہ ڇا آهي؟"

"ڇو سائين توهان کي خبر ناهي تہ رات ڇا ٿيو آهي!؟"

"ڇا ٿيو آهي ستار!" هاٺي مان اتاولائپ مان پڇان ٿو.

"توهان اخبار نہ پڙهي آهي ڇا؟" ستار پنهنجي ڳالهہ کي هميشہ وانگر اينگهائي ٿو.

"مان صبوح مڙداني اخبارون پڙهڻ ڇڏي ڏنيون آهن. جلدي ٻڌاءِ ڇا ٿيو آهي؟" چڙب واري انداز ۾ چوانس ٿو.

"سائين رات مير مرتضيٰ ڀٽي کي شهيد ڪيو اٿن، حڪومت چوي ٿي تہ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو آهي."

بدن مان ساهہ نڪري وڃي ٿو. ڪرسيءَ جي ٻانهن تي ايئن ٻانهون رکان ٿو، ڄڻ پاڻ کي ڪرڻ کان بچائيندو هجان. ڪمزور نگاهن سان پٽيوالي کي ڏسان ٿو. ستار بہ ڪمزوريءَ جي علامت بڻيو بيٺو آهي. ڪجهہ گهڙين کان پوءِ جڏهن سامت ۾ اچان ٿو تڏهن خيال اچي ٿو تہ ڪجهہ وقت اڳ مان ڪلهوڪيءَ رات ۽ اهوڪي ڏينهن کي عام ڏينهن ڪيئن پئي سمجهو!؟ پر ان ۾ منهنجو ڏوهہ ڪهڙو آهي. ٽرڊ ورلڊ ۾ تہ ايئن رات جي پيٽ ۾ حالتون معموليءَ مان غير معمولي بڻجي وينديون آهن. بنا ڪنهن اطلاع جي، رات جي پيٽ ۾ ڦاسي ڏني ويندي آهي. اسان پنهنجي محبوب جي ملڻ تي خوشيون ملهائيندا آهيون ۽ خبر پوندي آهي تہ عورت مرد ايئن آزاديءَ سان سمنڊ ڪناري ويهي ڳالهائي نٿا سگهو، جو ملڪ ۾ جمهوريت جو ڪنڌ ڪپي آرڊيننس لڳايو ويو آهي. توهان خيال سان ساهہ کڻو جيئن آمريت جي ديو جي ننڊ ۾ خلل نہ پوي. غريب هاريءَ کي ڌاڙيل چئي ماريو ويندو آهي يا محب وطن کي غدار چئي جيل ۾ وڌو ويندو آهي. ايئن حالتون معمولي مان غير معمولي، غير معموليءَ مان معمولي ٿينديون رهنديون آهن.

ڇپن تي ڪوڙي مرڪ ٿي اچي. آفيس جي ڪم تي دل نٿي چوي. سوچيان ٿو تہ ڪم شبير جي حوالي

ڏئي ٿي.
هڪ ڪان ته ٽي چانهيون پيتيون اٿم. هاڻي ماني به کاڌي اٿم. پنهنجي پڻ جون معصوم ڳالهيون به ٻڌيون اٿم. پوءِ به اسان جي گهر مان غم جا بادل نه هٽيا آهن. لڳي ٿو ته اڃا به وڌيڪ ڪاروبار ٿيو آهي. ان مان آجو ٿيڻ لاءِ بستري تان هٽي، لائونج ۾ اچي ٽي وي کوليان ٿو- زي سينيما، اسٽار ٽي وي، سي اين اين، پي ٽي وي، بي بي سي، ... مختلف چينل ٿو ڏسان. ڪٿي انٽرٽينمينٽ آهي، ته ڪٿي وري ساڳيون دهشت انگيز خبرون. دل جو بار گهٽجي نٿو. اڃا وڌي ٿو. ٽي وي بند ڪري ليليٰ ڏانهن وڃڻ جو سوچيان ٿو.

ليليٰ منهنجي انهن دوستن منجهان آهي، جن وٽ وڃڻ سان ڏک وڌندو ناهي، گهٽبو آهي. ان ڪري جڏهن به مان ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسي پوندو آهيان يا ڪنهن شديد غم ۾ مبتلا هوندو آهيان يا ڪا واهه رستو نظر نه ايندو آهي. تڏهن هن وٽ هليو ويندو آهيان ۽ هن جي خوبصورتي، هن جي دانشمنديءَ ۾ اهڙي قوت، اهڙي حڪمت هوندي آهي جو منهنجو علاج ٿي ويندو آهي.

مان جڏهن ليليٰ جي در تي پهتس تڏهن رات ٿي چڪي هئي. در ليليٰ ئي کوليو. ليليٰ هميشه جان شانت نظر آئي. ڏک جيڪڏهن هن کي به ٿيو هوندو ته اندر ۾ هوندو ٻاهرين سطح تي غم جو ڪو نانءُ نشان نه هيس. مون کي ڏسي هن جي خوبصورت چپن تي عجيب مرڪ تري آئي.

مان هن جي پٺيان ڊرائنگ روم ۾ اچان ٿو. ڊرائنگ روم ۾ هن جي ممي، هن جو ياءُ ۽ سندس ياءُ جا دوست ويٺل آهن. مان ماحول بدلائڻ لاءِ ليليٰ جي گهر آيو آهيان، پر ليليٰ جي گهر ۾ به ساڳيو ماحول آهي، ساڳيو موضوع هلي رهيو آهي. ممي چوي ٿي، "مان اهيو ڪڏهن به نه مڃيندس ته مير جي قتل ۾ بينظير ملوث آهي. ڀيڻ ڪڏهن به ياءُ کي مارائي نٿي سگهي."

اشفاق جو دوست جاويد چوي ٿو، "ممي سياست ۾ رشتن ناتن کي نه ڏٺو ويندو آهي. تاريخ انهن واقعن سان ڀري پئي آهي. شهنشاهه اورنگزيب به ته اقتدار لاءِ پنهنجي ياءُ دارا شڪوهه کي مارايو هو."

"پراڻي زماني جي ٻي ڳالهه آهي. باقي بينظير، مير مرتضيٰ کي نٿي مارائي سگهي. خبر نٿي ته ڪيئن مير جي لاش تي ٻي حال ٿي وئي هئي." مميءَ جي بجاءِ اشفاق جو ٻيو دوست سهيل چوي ٿو.

"اهو سڄو ڊرامو آهي." جاويد وري چوي ٿو.

ممي چوي ٿي، "چڱو هاڻي اجائي بڪواس نه ڪر. سدائين ڳالهه مان ڳالهوڙو ٺاهيندو آهين!"

دوست تي مميءَ جي ڇَلهه تي، اشفاق احتجاج ڪندي چوي ٿو، "ممي!"

ممي جڻ اڻ سڌي طرح ازالو ڪندي چوي ٿي، "ها باقي مون کي به ماڻهن جي ان ڳالهه ۾ ڪجهه وزن نظر اچي ٿو ته سڌي يا اڻ سڌي طرح ان ڪيس ۾ آصف ملوث آهي."

"نه ممي مان سمجهان ٿو اهو ايجنسين جو ڪم آهي. هڪ ڏک سان ٻه شڪار ڪيا اٿئون. هڪ پاسي مير صاحب کي مارائي، ماڻهن ۾ دهشت ڦهلائي اٿئون ته ٻئي پاسي ماڻهن جو غصو بينظير ۽ آصف ڏانهن ڪري بينظير حڪومت خلاف نفرت پيدا ڪئي اٿئون." اشفاق چوي ٿو.

"بلڪل ڳجهيون طاقتون ته چاهن ٿيون اهو ٿيون ته جمهوري عمل دير تائين هلي نه سگهي. ڪنهن جي به حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪري نه سگهي، عوام وچ ۾ لٽڪيو رهي ته جيئن انهن جي مستقل مفاد کي نقصان نه پهچي" سهيل چوي ٿو.

جاويد چوي ٿو، "اهو هاڻي اسان جو فيشن ٿي پيو آهي ته پنهنجو هر ڏوهه گناهه جو الزام ڳجهين طاقتن تي هڻي پنهنجا پاند آجا ڪرائي ٿا وٺون." اشفاق ٺڏو ساهه ڀريندي چوي ٿو، "ڪنهن به امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي، پر جنهن به مارايو آهي، ان نه رڳو ڀٽي خاندان سان، پر اسان سڀني سان، ملڪ جي عوام سان وڏو ظلم ڪيو آهي. عوام کي جيڪا ٿوري گهڻي اميد هئي، اها به مير جي مرڻ سان ختم ٿي وئي آهي."

"مرتضيٰ کي مارايو ئي ان ڪري ويو آهي ته هو ناهه ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. هو اڪيلو ماڻهو هو، جيڪو سسٽم کي چيلينج ڪري رهيو هو. باقي ته ٻيا سڀ ماڻهو سسٽم سان سمجهوتو ڪيون ويٺا آهن. دشمن هڪ ڏک سان ٻه شڪار ڪيا آهن." سهيل چوي ٿو.

ممي رومال سان ڳوڙها اگهندي چوي ٿي، "هاڻي ڇا ٿيندو، اسان جو عوام ته رڻ ۾ رلي ويو."

جاويد چوي ٿو، "خبر ناهي مير صاحب جي مشن کي غنوئي پورو ڪري سگهي ٿي يا نه!"

اشفاق چوي ٿو، "جي غنوئي پورو نٿي ڪري سگهي ته پوءِ اسان کي فاطمه ڀٽو يا ذوالفقار جونيئر جو انتظار ڪرڻو پوندو."

ممي وري ٺڏو ساهه ڇڏيندي چوي ٿي، "فاطمه يا ذوالفقار جونيئر ته ننڍا آهن، جيسين وڏا ٿين، تيسين ته سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويندو. اسان جو وجود به رهندو الائي نه!"

"آخر اسين ڪيسين تائين ڪنهن فرد تي انحصار ڪندا رهنداسين" ڀريون ڀيرو ليليٰ چپ کولي ٿي.

"ڇا مطلب!؟ اهو چوي ته اشفاق ٿو، پر ڄڻ سڀني جي طرفان اهو سوال ٿئي ٿو.

"ذوالفقار علي ڀٽو شهيد ٿي ويو، اسان سڀني پاڻ کي ٻي يارومدگار، يتيم بڻائي ڇڏيو. هاڻي مرتضيٰ شهيد ٿيو آهي ته سڄي سنڌ نوحو بڻجي وئي آهي، هر گهر ۾ ماتم آهي، فون تي، ملاقاتن ۾، پاڻ ۾ ملون ٿا ته رڳو روڄ راڙو، رڳو سڏڪا ۽ پار آهن. آخر اسان ڪيستائين ماتم ڪندا رهنداسين!؟"

"توکي مرتضيٰ جو ڏک نه ٿيو آهي!" مان ڳالهائڻ لاءِ مجبور ٿيان ٿو.

"مان ڏک ڪرڻ کي غلط نٿي سمجهان. ڏک جي اشتهار بڻجڻ جي خلاف آهيان."

"مرتضيٰ اسان جو هيرو آهي ۽ تون هيرن جي اهميت کان انڪار ٿي ڪرين." جاويد جذباتي ٿيندي چوي ٿو.

"مان هيري جي اهميت کان انڪار نٿي ڪريان، مون کي خبر آهي ته تاريخ ۾ فرد جي اهميت ڇا آهي. پر جيستائين اسان وٽ وري ڪو هيرو پيدا ٿئي، تيسين ماٺ ڪري ويٺا پار ڪيون ۽ ماتم ڪيون!"

اسان مان ڪوبه جواب نٿو ڏئي ته ليليٰ وري چوي ٿي، "اسان جا هيرا اسان کان جسماني طور الڳ آهن، روحاني طور ته اڄ به گڏ آهن. اسان جسم کي روح کان وڌيڪ اهميت ڇو ٿا ڏيون. آخر پاڻ تي ڇو نٿا ڀاڙيون. ته هاڻي هيرن جو ڇڏيل ڪم اسان کي ڪرڻو آهي."

اوچتو لوڊشيڊنگ جي ڪري بجلي هلي وڃي ٿي، مڪمل اونداهه ڇانئجي وڃي ٿي. اسان سڀ هاڻي بلڪل خاموش آهيون. ڪنهن جي اٿڻ جو آواز ٿئي ٿو. ڄڻ ڪو ڪِڇن ڏانهن وڃي ٿو ۽ ٿوري دير کان پوءِ موٽي اچي ٿو. تيلي ٻري ٿي ته ليليٰ جي هٿن ۾ ماچيس ۽ تيلي نظر اچي ٿي. ليليٰ گئس بتيءَ جي چاريءَ (مينٽر) کي تيلي ڏيکاري ٿي ته سڄو ڊرائنگ روم گئس ليمپ جي ڪري روشن ٿي وڃي ٿو.

"بجلي هلي وڃي ته اونداهه کي ختم ڪرڻ لاءِ گئس بتي به ته آهي!"

آسماني ويس ۾ ملبوس ليليٰ معنيٰ خيز مرڪ سان چوي ٿي ۽ اسان سڀ ڪيس ڏسندا رهجي وڃون ٿا ■

بانو محبوب جوکيو

# اڄجيڙي ضمير جو وارث

ماڻهين به توڪي جٽي ڪٽيءَ جو وٽو پوري ڪاڏو هوندو ۽ مٽي ڪي پٽي ويٺي هوندي ته جٽيهه لکٽو پٽ جٽيو اٿم - هئه! ... سچ چيو اٿن ته "پالي نپائي جوان ڪيوسين، پر ڪدڙو نڪري پيو.

تنهن ڏينهن سندس پي مڙسي هئي جو هن هڪ لاش تي سِرڻ جيان ڦيرا پائي سندس ڪيسي ۾ رکيل مال تي جهپ هنيو هو.

هن ۾ ڪجهه ڪرڻ جو جذبو شروع کان وٺي هو، پر بيروزگاري، سندس انهن جذبن، همٿن کي جواب ڏئي ويٺي هئي. گهر ۾ پيءُ هميشه چوندو هئس: "توکان ته بهتر هو ڏيءُ ڄمي هان!... گهر ۾ ٽوپو ٽڳو ڪري ڪجهه پئسا ته ڳهڙي وٺي هان! تو ته ورندو اسان جي ميڙي پونجي به پڙهائيءَ ۾ چٽ ڪري ڇڏي- سڄو ڏينهن گهر ۾ ڪم ڪان آڳوٽو ڪڍيو ويٺو آهين- ماڻهين به توڪي جٽي ڪٽيءَ جو وٽو پوري ڪاڏو هوندو ۽ مٽي ڪي پٽي ويٺي هوندي ته جٽيهه لکٽو پٽ جٽيو اٿم - هئه! ... سچ چيو اٿن ته "پالي نپائي جوان ڪيوسين، پر ڪدڙو نڪري پيو، اڙي! ڪجهه ڪر!..."

۽ هو ڪاوڙجي چوندو هئو: "ڪجهه ڪيان!... ڪجهه ڪيان! ڇا آخر ڪيان! ... ماڻهن کي قتل ڪيان، گوليون هلايان، ماڻهو ويڙهايان يا ماڻهن جو رَتُ پيان- اهو ڪجهه ڪيان، اهو ڪجهه ڪرڻ کان بهتر آهي ته ڪجهه نه ٿو ڪيان- باقي رهي نوڪري ته ان لاءِ چوڻ آسان آهي، وٺي ڏيڻ مشڪل آهي- اڄ ته پئسن کانسواءِ پٽيوالي به ڪانه ٿي ملي، اٿو پئسا ته وٺي ڏيو نوڪري ته ڏسو ڪيان ٿو نه! باقي مزوري ڪرڻ منهنجي وس آهي، اها توهان ڪرڻ ڪونه ٿا ڏيو، باقي مان ڪيان ڇا! ڦاهو ڪائي مران! اهو به توهان نه چاهيندؤ..."



۽ "ڪجهه ڪرڻ" واري جذبي ئي ڪيس همت ڏياري هئي جو هن اهو ڏنڌو ڪرڻ جو سوچيو هو، جو اڄڪلهه ايڪسيڊنٽ ۽ ٻين وارداتن ۾ قتل به جام پئي ٿيا. واٽ ويندي ڪير مرندو ۽ ڪٿي مرندو اها ڪنهن کي به خبر نه هئي.

ٻرنديءَ تي تيل سندس ان دوست وڌو هو جيڪو پوليس ۾ هو. جيڪو ڪيس هميشه نوان نوان سورهيائيءَ جا قصا ٻڌائيندو هو. جن مان ڪيس انهن فاتحن جي خوشبوءِ ايندي هئي جيڪي جنگ کان پوءِ مال-غنيمت تي عيش ڪندا هئا. هت جنگ ملڪ جي نه پر اندر ۽ ضمير جي هوندي هئي، سچائيءَ ۽ نيڪيءَ جي هوندي هئي، انهن سيني مفادن سان، جيڪي اندر سان ويڙهه ڪندا هئا- ضمير، سچائي ۽ نيڪيءَ کي مارڻ لاءِ ميدان تي کلي عام لهي ايندا هئا ۽ جڏهن ضمير مري ويندو هو ته سچائي ۽ نيڪي ميدان ڇڏي ويندي هيون، تڏهن اندر جو اهو لالچي فاتح، مال-غنيمت تي قبضو ڪندو هو- ايئن سندس دوست به ڪيس ٻڌائيندو هو: "اڄ هڪ لاوارث لاش مليو، جنهن جي ڪيسي مان ٻه هزار، سوني منڊي ۽ گهڙي هٿ آئي اٿم." "...اڄ هڪ ذاتي دشمنيءَ سبب همراهه مري ويو، دشمن لاش ٻوڙن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو هو، هنن جو ڪم قتل ڪرڻ هو ۽ ٻيجي وڃڻ هو، جيڪڏهن ڪو پيو هجي ها ته هن جي ڳچيءَ مان سونو لاڪيٽ ۽ ٻن هزارن جي گهڙي ضرور لاهي وڃي ها منهنجي وڃڻ کان اڳ ۾، پر چوندا آهن، "داٽي داٽي

رڳو سيڦل جو بوٽ پاتو هئو تہ، بابا کي دانهن ڏني، مان کي پادر هٿايا هٿائين- امان! عيد تي هن کي خرچيون مليون ۽ مون کي مار ملي ... مان جو اهو پيءُ نياپو امان کي ٻڌائجو تہ، بابا مان کي اسر ويل اٿاريندو آهي- مان کي ڊاتسن تي کير سان گڏ شهر موڪليندو آهي... سيڦل ۽ غلام رسول مزي سان ننڊ ڪندا آهن... مون کي ماني بہ ڪونہ ڏيندا آهن- چوندا آهن تہ، ماني ڪانہ پڪي آهي- چار آنا وٺ، هٽ تان وڃي، پاپا وٺي کاءُ- مان چوندو آهيان تہ مون کي گهڻي بک لڳي آهي، پاپا تہ رڳو ٻہ ملندا، چڙن، ٻن پاپن مان ڇا ٿيندو؟ تہ، بابا جي زال، چماٽ هڻي، چوندي آهي: "نواب جا پٽ! تولاءِ ڇڪارپور مان برفي گهرائيندي آهيان ڇا؟" امان، مان، چنڊ کي بہ دانهن ڏيندو آهيان- چنڊ کي چوندو آهيان: چنڊ! منهنجي ماءُ کي چئجان تہ مون کي، پاڻ وٽ، الله سائينءَ وٽ گهراءِ."

هُو، سڏڪي پيو هو-

آسمان جي اندلٺ منجهان ڏسجندڙ، مهربان مُک چيو: "منهنجا منڙا! تون نہ روءُ- تون، پنهنجي نانيءَ ڏي هليو وڃ، نانيءَ وٽ وڃي رهندو ڪرني."

"امان! مان تہ نانيءَ وٽ هليو ويو هئم، پر مان کي، بابا اتان پيءِ وٺي آيو، چوي پيو تہ، ڇورو، اتي رهي ڇا ڪندو؟... امان، تون مان کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃ نِي... هُو، ڏس سامهون، بابا اچي پيو مون کي هرويرو ماريندو... هُو، ڏس، امان! بابا اچي ويو، هاڻي مان کي ماريندو...."

هلي آ، منهنجا ٻچا! مان، توکي، پاڻ سان، گڏ وٺي هلان."

ايئن چئي، اندلٺ هيٺ لٿي- اندلٺ، هن جي ويجهو آئي- هن کي پنهنجو هٿ ڏنائين.

ان وقت پٺهس ڪيس، ڏونڏاڙي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، "اٿ ڙي ڇورا وارو ڪر، شهر، کير پهچائڻو آهي...."

"امان! ڏس اچي ويو... مان کي وٺي هل، مان جي جان ڇڏاءِ."

اندلٺ، هن جو هٿ پڪڙي، هن کي وٺي وڃڻ لڳي- اندلٺ، آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳي- هن کي اندلٺ سان گڏ، اڏامڻ ۾ مزو اچي رهيو هو- هو، مٿي هوائن ۾ اڏامي رهيو هو- آزاد ٿي ويو هو- هُو، خوش پيو ٿئي تہ هاڻي کيس ڪوبہ ڪونہ ماريندو- هُو مُرڪي پيو- اندلٺ بہ مُرڪي پئي. هُو، ٽهڪ پيو ڏئي تہ اندلٺ بہ ٽهڪ ڏئي پئي- هُو، زور زور سان ٽهڪ ڏئي رهيو هو- هاڻ، مان، واڙي ۾ پيءِ ڪونہ سمهندس.... پيرن اگهاڙو، اسڪول پيءِ نہ ويندم. مان کي ماستر پيءِ ڪونہ ماريندو- هُو، اندلٺ سان گڏ اڏامي رهيو هو- چنڊ ۽ تارا، هن جي ويجهو هئا- هُو، اڏامندو وڃي رهيو هو ۽ تارا ۽ چنڊ سندس چوڌاري ڦري رهيا هئا- ٺا... اوچتو، هڪ پڇڙ تارو، سندس ڳل سان اچي ٽڪرايو- ڪاوڙ ۾ تاري ڏانهن نهاري چيائين: "اچ مان، پنهنجي امان سان گڏ آهيان، جيڪي، ٻار ماءُ سان گڏ هوندا آهن، انهن کي ڏک، گهٽ لڳندا آهن، پوءِ تو ڇو مان کي ٽڪر هنيو... مان کو ننڍڪڙو (ننڍڙکو) آهيان ڇا؟" اوچتو وري، "ٺا" ڪري پيو تارو، هن جي ڳل تي اچي لڳو- هُن، تاري ڏانهن نهاريو تہ، تاري جي شڪل ڦري سندس پيءُ جهڙي ٿي پئي: "اڙي ڪُتي جا ڦر! اٿي، چونہ ٿو اٿين؟ ڙي ڪلاڪ ٿيو اٿئي، پيو آهين ڊنو."

هن جا هوش، بحال ٿي ويا- هُو، اندلٺ سان سفر ڪرڻ بدران ڊاتسن ۾ کير پهچائڻ لاءِ، سفر تي اسهڻ لڳو- پيءُ جون هنيل ڪياڙي ڦيرائيندڙ لپاٽون، سندس خوابن کي ناگاساڪي ۽ هيروشيما بڻائي ڇڪيون هيون- هُو، ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟ هن جي اکين مان، ٻہ گرم گرم لڙڪ لڙي آيا هئا.

ٽرين ۾ سندس سامهون ايمبسي فلٽر سگريٽ ڇڪيندڙ گنجي، هن کان اردوءَ ۾ پڇيو، "ڪيڏانهن ويندين؟"

هُو، ٽرين ۾ موٽي آيو. گنجي ڏي ڏٺائين ۽ پڇيائين: "اوهان، مون کي ڪجهہ چيو؟"

گنجي، سندس ڳلن تي، يادن جي گلن مان ٽمندڙ رت کي، لڙڪن جي صورت ۾ ڏٺو تہ وري پڇيائين: "طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ؟"

"ها ها، بلڪل ٺيڪ آهي." هن، مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي. "تہ پوءِ هي لڙڪ ڇا جا آهن؟"

"ڏاڍا، اٿاسا آهن، اهي لڙڪ- ڏاڍو ٿو جهليان، پر پوءِ پيءِ پڳا پيٺا آهن."

گنجي جڻ ڪنڌ ڌوڻي، اهو ظاهر ڪيو تہ هُو سڀ ڪجهہ سمجهي ويو آهي- هُو، سوچي ٿو تہ: سڀاڻي عيد آهي- عيد تي ڇا ڪندس؟ اوطاق ۾ ويهي ڪتاب پڙهندس- زندگيءَ ۾ ٻيو پلا ڇا آهي؟ هي ڪتاب ئي تہ منهنجا دوست آهن، اهي نہ هجن تہ مان تہ مري وڃان! ڪتاب لکندڙ، ڪيڏا نہ عظيم آهن، جو ڪتاب لکن ٿا- هي ساهتڪار، هي ڪوي، ڪيڏا نہ مهان آهن، جو راتيون جاڳي، نور نچوئي موتي موتي لفظ چونڊي، ڪوتائن ۽ ڪهاڻين جون مالائون جوڙين ٿا- پراوا درد، پنهنجي مٿي جو سُور بڻائين ٿا- ٻين جي بک ۾ ورتل آنڊن جي ڏمچر کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪن ٿا- مون کي پٽ چمندو تہ، نالو رکندو مانس، ڪوي ۽ ڌيءَ چمندي تہ نالو رکندو مانس، سيهوڳي- ڪيڏا نہ سندر نالا آهن!

"سڀاڻي نوان ڪپڙا بہ پائڻا پوندا" وري هن کي سڀاڻي ايندڙ عيد جي ڳڻتي ورائي وئي: "ڇو پايان؟" "ڪنهن لاءِ پايان نوان ڪپڙا؟" چڙ، بيوسي ۽ ڏک ورائي ويس: "جنهن لاءِ نوان ڪپڙا پهري خوش ٿيان ها اُها تہ نوان ڪپڙا پائي، منهنجو تصور ڪري خوش ڪانہ ٿيندي- نون ڪپڙن پائڻ کان پوءِ، ڪنهن ٻئي سان ياڪر پائيندي- ڪالهہ هن جي گوڏي تي مان مٿو رکي سمهندو هئس ۽ هُوءَ منهنجن وارن ۾ آڱريون ڦيريندي هئي- ۽ آڱريون ڦيريندي ڦيريندي، جهڪي منهنجي چپن تي، پنهنجا چپ رکندي هئي- امرت ڌارا اوتيندي حساب ڪونہ ڪندي هئي ۽ هاڻ تہ آهي پيالا، آهي مڌ وٽيون تہ منهنجيون نہ رهيون آهن- هوءَ جو منهنجي نہ رهي آهي." ايئن لڳس تہ اندر ۾ جهنم ٻري پيا آهن- ساهہ کي سوڙهہ محسوس ٿيڻ لڳس- نرڙ تان پگهر ٽمڻ لڳس- نہ چاهيندي بہ سوچيندو، لوچيندو، پچندو ۽ پچرندو رهيو- الائي ڪٿي جو ڪٿي وڃي ٿي پهتو، خبر ئي ڪانہ ٿي پيس- جڏهن ناجيءَ سان آخري ڀيرو مليو تہ ناجيءَ ٻڌايو هئس: "عزيز! توکي منهنجو سڱ ڏيڻ لاءِ ابو رنج ڪونهي- تون پنهنجي پيءُ جو ڏاڏي-پوٽي زال مان هڪڙو ئي تہ پٽ آهين- ابي کي خبر آهي تہ تنهنجي پيءُ وٽ اڍائي سئو ايڪڙ زمين اڳيئي آهي- تازو ڪوسن جي ڳوٺ پرسان نصيرآباد ۾ جتوئين کان چاليهہ ايڪڙ ٻيا بہ چَڪايا اٿس ۽ ... تنهنجو بہ تہ حصو آهي، آخر پٽ آهين..." ناجيءَ ٿوري دير ترسي وري چيو هئس: "ابا چوي ٿو تہ توکي پيءُ جي ملڪيت مان حصو ملندو، پر تنهنجا پرڪار سٺا ڪونهن- تنهنجو پيءُ توکي تہ گهر ۾ بہ رهڻ نہ ٿو ڏئي، اوطاق ۾ يا واڙي ۾ ٿو رکيئي، ابا چوي ٿو تہ، دنيا وارن جي خيال کان توکي رهايو اٿس- تنهنجو پيءُ چوندو آهي تہ، سکر ۾ هُن.... مئي ماريي رشيد پٽيءَ وٽ وڃي، تو پنهنجو ايمان خراب ڪيو آهي- چون ٿا تہ، ان جي ڳالهين ۾ اچي، تون چوندو ٿو وتين تہ الله سائين ڪونهي، ملائڪ بہ ڪونهن، قيامت بہ ڪونہ ٿيندي.... ۽ اهو مئو رشيد پٽي بہ.... ماٺهو چون ٿا تہ، الله کي بہ مڃي ڪونہ ٿو.... تون بہ نماز نہ ٿو پڙهين.... اڳي روزا رکندو هئين ۽ هاڻي روزا بہ نہ ٿو رکين- تنهنجا ابا ڏاڏا تہ ملان هئاني، تنهنجو ابو ڪيئن چوندو تہ تون پلي ڪافر ٿيءُ؟"

هُو ناجيءَ جي سانوري سهڻي مُک ۾ نهاري رهيو هو ۽ ناجيءَ کي ٻڌي رهيو هو تہ، ناجي ڪيئن نہ چپن جي گلدان مان لفظن جا گلاب ڪڍي کيس هڻي رهي آهي. ناجي چئي رهي هئي: "هاڻي تہ تو بہ ٻارهين پاس ڪئي آهي.... هاڻي تون نوڪري ٻوڪري ڪرني... ڪٿي ڊيوٽي وٺ ڪٿي- ابا چوي پيو تہ تون نوڪري ڪندين تہ پاٺهي سڌري ويندين، پوءِ تنهنجي منهنجي شادي ڪندو.... ابا چوي پيو تہ، شاديءَ کان پوءِ تون صفا ٺيڪ ٿي ويندين..."

"پر، چريا! مون کي اڃا اڳتي پڙهڻو آهي."

"آخر ڪيستائين ٻني تي ڪم ڪندين.... ڏس ڪهڙو رنگ ٿي ويو اٿئي- ڪڏهن مِل ۾ وڃي مزوري ٿو ڪرين تہ اتان بہ ڪڍي ٿا ڇڏينئي ۽ هو... جاڪب بسڪوٽ فيڪٽري وارن بہ تہ نوڪريءَ کان جواب ڏنو هيئي... ڪيئن اڳتي پڙهندين؟ اڃا تنهنجو پيءُ توکي خرچ پڪو ڏئي ها تہ پوءِ تون پڙهين ها...."

هن ناجيءَ کي پاڀوهہ وچان ڏسندي چيو هو: "ناجي! مان ننڍڙو هوندو هئم تہ بابا مان کي اسڪول وڃڻ لاءِ خرچي ڪونہ ڏيندو هو- موٽي گهر ايندو هئم تہ، ڪڏهن ماني ملندي هئي تہ ڪڏهن ڪونہ ملندي هئي- رات جو بہ ايئن ٿيندو هو- توکي تہ خبر آهي نِي تہ مان، سڄا سڄا ڏينهن، ساريون ساريون راتيون لنگهڻ ڪاٽي گذاريندو هئم- ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي گهر ايندو هئس تہ، مون کي ٽڪر پور ملندو هو- مان کي بخار ٿيندو هو تہ ڪير علاج ڪونہ ڪرائيندو هو، تنهنجي ماءُ سُتيون ڦڪيون ڏيندي هئي- تنهنجي

ناجيءَ لاءِ زندگيءَ جون سڀ ذلالتون ڀوڳڻ لاءِ تيار هو.

هڪ ڏينهن، هُو، ٻين رنگروٽن سان گڏ، پريڊ ڪري رهيو هو- پريڊ ڪرائيندڙ حوالدار چيو: ”اڄ، اوهان کي، جلوس منتشر ڪرڻ سيکاريو ويندو.“ حوالدار، رنگروٽن کي چيو: ”هُو، سامهون بانس جي لڪڙي تي ڳاڙهو ڪپڙو ٽنگيل آهي، سمجهو تہ اهو، جلوس جو اڳواڻ آهي- ۽ ان جي پٺيان، هڪ وڏو جلوس آهي-. اهو جلوس، توهان کي منتشر ڪرڻو آهي- ان لاءِ سڀ کان پهرين، اوهان کي، جلوس منتشر ڪرڻ لاءِ پوزيشن سنڀالڻي پوندي.... پوءِ، اوهان، جلوس وارن کي آگاهہ ڪندؤ تہ، اهو جلسو، قانون جي هڻ قلمن هيٺ غير قانوني آهي- اهي سڀ قلم (آرٽيڪلز) اوهان کي ياد ڪرڻا پوندا.... اوهان، جلوس کي قانون جا قلم ٻڌائي، جلوس کي غير قانوني ۽ غير جائز قرار ڏئي، منتشر ٿي وڃڻ لاءِ چوندؤ- پهرين پُرامن نموني منتشر ٿيڻ لاءِ ٽي ڀيرا، جلوس کي، وقفي وقفي سان وارننگ ڏني ويندي، پوءِ اوهان کي فائرن جو آرڊر ڏنو ويندو- اوهان، فائرن جو آرڊر، ٻڌڻ کان پوءِ هڪ دم شست (نشانو) ٻڌي، جلوس جي اڳواڻ، ڳاڙهي جهنڊي واري کي، نشانو بڻائي، فائر ڪندؤ....“ حوالدار سمجهائيندو رهيو هو. هو بہ ٻين وانگر ٻڌندو ۽ سمجهندو رهيو هو. سڀني رنگروٽن، جلوس کي منتشر ڪرڻ جي پريڪٽس ڪئي. هن جي مشق ڪرڻ جو وارو آيو هو. هن کي بہ جلوس، منتشر ڪرڻو هو.

حوالدار چيو هو: ”جلوس، آرڊر نہ ٿو مڃي، تنهن ڪري هاڻ، جلوس تي فائرنگ ڪرڻ جو حڪم ٿيندو- تون، پنهنجي خالي رائيفل، لوڊ ڪري، جلوس جي اڳواڻ، ڳاڙهي جهنڊي واري ماڻهوءَ جو نشانو وٺندين ۽ جيئن ئي مان، ”فائر“ جو حڪم ڏيان تہ، گهوڙو دٻائي ڇڏجانءِ- اوڪي؟“

هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو- هي شست ٻڌي ڳاڙهي جهنڊي واري کي نشانو بڻائڻ لڳو هو- هن جو رخ، بانس جي لڪڙي تي ٽنگيل ڪپڙي جي ڳاڙهاڻ ڏي هو، جتي خيالي ماڻهو هو، جيڪو جلوس جو اڳواڻ هو.

هن کي خبر هئي تہ، رائيفل خالي آهي، رائيفل کي لوڊ ڪرڻ جي مشق دهرائيندي، ٽرائيگر دٻائڻو آهي. هلڪو ”ٺڪ“ جو آواز ٿيندو تہ، خبر پئجي ويندي تہ، ”فائر“ جي مشق ٿي وئي- هن ٽرائيگر تي آڱر رکي، رائيفل جي ٽارگيٽ فلاءِ جي ڊائريڪشن سڌي ڪرڻ لاءِ، هڪڙي اک ٻوٽي ڇڏي ھئائين- ساهہ روڪي. ٺيڪ نشانو ورتو هئس- هن جي نگاهہ، ڳاڙهي جهنڊي واري لڪڙي تي هئي- اهو لڪڙو، جلوس جو اڳواڻ هو- هڪ خيالي جلوس، ان لڪڙي جي پٺيان هو.

حوالدار، اردوءَ ۾ لڪڙي يعني ڳاڙهي جهنڊي واري اڳواڻ ۽ جلوس کي آگاهہ ڪيو تہ، هي جلوس، فلاڻي فلاڻي قانون هيٺ غير قانوني آهي- اهو ميڙاڪو ۽ هنگامو بند ڪيو ۽ پُرامن نموني منتشر ٿي وڃو...

جلوس، آرڊر ڪونہ مڃيو ۽ اڳتي وڌندو رهيو-حوالدار، جيڪو، ان وقت ڊيوٽي تي پوليس آفيسر بڻيل هو ۽ جلوس کي وارننگون ڏئي رهيو هو.

O=O=O

هن کي ائين لڳو تہ، واقعي سچ پچ هڪ جلوس آهي ۽ ان جي اڳواٽي، هڪڙو، ڳاڙهي جهنڊي وارو ماڻهو ڪري رهيو آهي- ڳاڙهي جهنڊي وارو ماڻهو ڪو، ٻيو ڪونہ هو، پر هُو پاڻ آهي- تصور جي دري کلي پئي هئس- هن کي هڪ ئي لمحي ۾ ياد اچي ويو هو تہ هو، آرا مشين تي مزدوري ڪندو هو، اتان ڪيس مزدوريءَ کان جواب مليو هو تہ هُو سبزي منڊي ۾ پاڇين ۽ ميون جا ٽوڪرا ۽ پيٽيون ٽرڪن تي چاڙهيندو هو ۽ لاهيندو هو. مزدوري ڪري، ڏهين ڪلاس جو امتحاني فارم ڀرايو هئائين- سبزي منڊيءَ جي ٺيڪيدار، هڪڙي ٽرڪ لوڊ ڪرائي هئي ۽ هن کي مزدوري ڪونہ ڏني هئائين- ٺيڪيدار کان زوريءَ پئسا ورتائين تہ ٺيڪيدار نوڪري ۽ مزدوري ڪرڻ کان ئي جواب ڏئي ڇڏيو هئس- سائيٽ ايريا ۾ مِل ۾ وڃي مزدور ڀرتي ٿيو هئو- ٽن مهينن تائين مزدورن کي پگهار ڪونہ ملي هئي- پگهارن جا پئسا، مِل جو مينيجر بئنڪ ۾ رکندو هو ۽ انهن لکين رپين تي ڪيس مهيني تي وياج ملندو هو. ان ڪري مينيجر مهينن جا مهينا، مزدورن کي پگهار ڪونہ ڏيندو هو- مزدورن، احتجاج ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو هو- هن بہ سرگرميءَ سان حصو ورتو هو- جيُتوڻيڪ، هي اجا ڪچن ليبرز مان هو- پر، هن گهٽو ڪم ڪيو هو- مزدورن کي مل جي آڏو ڌرڻو هڻڻو هو- هن بہ بينر ۽ پوسٽر ٺاهيا هئا- ڌرڻي واري ڏينهن، هڪڙو ڳاڙهو بينر هٿن ۾ جهلي، هُو، جلوس جي اڳيان اڳيان نعرا هڻندو هليو هو:

”مزدورن کي رهيل پگهارون ڏيو.“
”ڪچا ملازم، پڪا ڪريو.“
”اسان کي پنهنجا حق ڏيو.“
”مزدور ايڪتا زنده باد.“

هُو، نعرا هڻندو، مزدورن سان گڏ جلوس کي وٺي مل وٽ آيو هو- هن جي هٿ ۾ ڳاڙهو بينر هو- هن جي ننڍڙي سوچ ۾ هو تہ: اهو ڳاڙهي رنگ جو بينر رڳو بينر ڪونهي، پر اهو هڪ ڳاڙهو جهنڊو آهي- هڪ علامت آهي- ڳاڙهو رنگ، علامت آهي، انقلاب جي- علامت آهي، روشنيءَ جي، پيار جي، جوڀن جي، نينهن جي، جوش جي، جذبي جي، هو سوچي پيو تہ: اڄ منهنجي هٿ ۾ سونهن، سچ، پيار ۽ امن جي ڪعبي جو غلاف آهي، ان جي تقدس کي قائم رکڻو آهي. مل انتظاميا، مزدورن کي دٻايو تہ، جلوس منتشر ڪيو وڃي، نہ تہ پوليس کي گهرايو ويندو.

•

جلوس وارن کي پرواهہ نہ هئي- مل انتظاميا خلاف نعرا لڳندا رهيا- ڌرڻو هڻي ويهي رهيا- ٻن ڪلاڪن کان پوءِ پوليس جون گاڏيون ڀرجي آيون هيون- مزدورن تي لٺ بازي ڪئي هئائون. جلوس جي اڳيان اڳيان هجڻ ڪري، هن کي بہ مٿي ۾ لٺ لڳي هئي- ٽي هفتا، اسپتال ۾ پيو هو- اسپتال مان نڪتو تہ خبر پئي هئس تہ، جلوس ۾ شامل سڀني مزدورن سان گڏ، هن لاءِ مِل جو گيٽ بند ٿي چڪو آهي- ”گيٽ بند“ جو لفظ، مل ايريا جي قانون جو قلم هو، اهو قلم لڳڻ کان پوءِ مزدور لاءِ مل جو گيٽ بند ٿي ويندو هو ۽ ٻيهر نوڪري، ڪڏهن بہ ڪونہ ملندي هئي- رڳو هڪڙي مل ۾ گيٽ بند ڪونہ ٿيو هئس، پر هُن لاءِ ۽ ٻين مزدورن لاءِ، جن کي وڳوڙي قرار ڏنو ويو هو، مل ايريا جي علائقي ۾ اچڻ تي بہ پابندي لڳي وئي هئي.

ان وقت بہ، نشانو وٺي، هوُ اهو ئي ڏسي رهيو هو تہ، جنهن ڳاڙهي ڪپڙي واري لڪڙي ڏانهن هن نشانو ورتو آهي، اهو تہ هُو پاڻ آهي- سندس هٿ ۾ ڳاڙهو بينر آهي ۽ جلوس جي اڳيان نعرا هڻي رهيو آهي: ”اسان کي پنهنجا حق ڏيو.... پگهارون ڏيو.... مزدور ايڪتا زنده باد...“

O=O=O

حوالدار اردوءَ ۾ رڙ ڪندي چيو هو: ”لال جهنڊي والي پر فائر ڪرو.“

هن، ٽرائيگر تان آڱر هٽائي ڇڏي- سوچيائين: ڳاڙهي جهنڊي واري تي ڪيئن فائر ڪريان، اهو ڪو ٻيو تہ ڪونهي، اهو تہ مان ئي آهيان. پاڻ کي گولي هڻان؟“

پاڻ کي ڪيئن گولي هڻندم؟
پاڻ کي گولي هڻندم تہ پاڻ مري ويندم-
پاڻ مري ويم تہ معني مان مئس-

مان تہ ناجيءَ جو پيار آهيان- ناجيءَ جي محبت مري ويندي-

ناجيءَ جي پيار کي گولي لڳندي-
ناجي، تہ منهنجي ڪائنات آهي-
۽ مان ڪائنات جي پيار کي گولي هڻان؟

پاڻ کي گولي هڻڻ- ڌرتيءَ جي سڀني پيار ڪرڻ وارن کي گولي هڻڻ جي برابر آهي-

هي جو ڳاڙهي جهنڊي وارو آهي، اهو تہ هڪ پيار ڪندڙ آهي، ان جي هڪ ناجي آهي- هُو، پنهنجي لاءِ، پنهنجي ناجيءَ لاءِ تہ جهيڙي رهيو آهي- هن جي جنگ تہ سونهن لاءِ آهي- سونهن جي بچاءَ لاءِ آهي ۽ مان.... سونهن جو ويري ناهيان.... ڳاڙهي جهنڊي وارو تہ مان پاڻ آهيان.... مان تہ سونهن جو پوڄاري آهيان.... سونهن جو محافظ آهيان- مان، ناجيءَ جي پيار جو محافظ آهيان. مان، ناجيءَ جي پيار جو قاتل ڪيئن ٿيندس.

اندران ئي اندران، ڪنهن ڪنڊ مان، هڪ ٻيو آواز آيس: ”عزيز! جلدي ڪر، فائر ڪر، تون ڪو سچي پچي فائر ٿورئي ٿو ڪرين- پريشان نہ ٿيءُ، اصلي فائر ناهي، رڳو، خالي ٽرائگر دٻائڻ ۾ ڇاهي؟ فائر ڪر.“

وري، هن جي من اندر جي پاتال مان هڪ زوردار صدا اٿي، جيڪا هن جي وجود جي سڀني محرابن ۾ گونجي وئي: ”نہ مان، فائر ڪونہ ڪندس. رائيفل ۾ گولي هجي يا نہ هجي، ٽرائيگر دٻائڻ جو مطلب، فائر ڪرڻ آهي. پيار تي فائر ڪرڻ، مون لاءِ مها پاپ ٿيندو....

هن، اهو سڀ ڪجهہ هڪ ئي لحظي ۾، هڪ ئي لمحي ۾ سوچيو هو- ٻئي لمحي، حوالدار، هن کي گار ڏيندي چيو هئو: ”اُلوءَ جا پٺا عزيز! فائر...“

هلندڙ........

شاعري جا كنهن بہ وقت، ويل ڳائڻ ۾ اچي، جا شاعري ڳائڻ ۾ نٿي اچي اُها عالمي معيار جي نٿي ٿي سگهي. هي ياد رکڻ گهرجي تہ شاعري اُهائي ڳائي سگهجي ٿي جا فني طور پختي سرجيل هوندي ۽ عام ماڻهو اُن کي تڏهن ڳائڻ چاهيندو جڏهن سندس مَنُ اُن شاعريءَ جي موضوع ۽ موسيقيت سان ٺهڪي ايندو.

يورپ جي اهم نقاد "كارلائل" پڻ سڀ كان پهريان شاعريءَ جي هن معيار کي ترجيح ڏني آهي ۽ سندس چواڻي تہ، جا شاعري ڳائي نہ سگهجي سا كنهن بہ معيار جي نہ چئبي.

منهنجن مٿين دليلن ۽ بيان مان منهنجي مراد آهي تہ، اسان وٽ سنڌ ۾ شاهہ سائينءَ كانپوءِ كيترن ايترن شاعرن جي شاعري سرجي آهي، جا عالمي معيار کي ڇهندي يا رسندي هجي. اسان وٽ هينئر اهو هڪ ٻرندڙ ۽ عام موضوع آهي تہ، موجوده وقت سنڌ ۾ جيترا شاعر آهن اوترا نثر نويس يا لکڻين جي ٻين صنفن ۾ سرجڻهار ڇو پيدا نہ ٿي سگهيا آهن. اڄ كلهہ سيمينارن، كانفرنسن، صدارتي تقريرن ۾ طنزيہ يا سنجيده موضوع اهوئي بڻيل آهي. منهنجي دوست انعام شيخ كان وٺي ويندي رسول بخش پليجي تائين، اسٽيج تي سڀ اهو محاورو دهرائيندا رهن ٿا تہ، سنڌ ۾ لٺ ڦيرايو تہ وڃي شاعر جي مٿي تي لڳندي، معنيٰ تہ سنڌ ۾ هن وقت ايترا شاعر موجود آهن.

ايڏن سارن شاعرن جو هجڻ يا نہ هجڻ ضروري ناهي، پر منهنجي راءِ مطابق تہ، انهن ايڏي انگ وارن سرجڻهارن ۾ كارج واري شاعري كيتري سرجي ٿي. ايڏن سارن انبار كتابن مان، اسان وٽ موضوع، ٻوليءَ ، فن، فكر، شعور جي داخلي ۽ خارجي كيفيتن جي سگهہ واري ترجمان شاعري يا پنهنجي سماج، سوسائٽيءَ جي موجوده ڀيچ ڊاهہ ۽ ان جون صحيح عكاسي كندڙ سٽون روزانو كيتريون سرجن ٿيون. انهن سٽن ۾ نواڻ ۽ ورجاءُ كيترو آهي. جيكڏهن ورجاءُ ئي ورجاءُ آهي تہ شاعريءَ كرڻ جو مقصد تہ فوت ٿيندي نظر اچي ٿو.

موجوده وقت جو ٻيو ڏكائتو پاسو اهو بہ آهي تہ، اسان جي كچهرين ۽ ادبي ميڙن ۾ نين تخليقن تي تنقيدي تسلسل بنهہ ناهي رهيو. اوائلي دور جي چند تنقيد نگارن مثلاً نائين ڏهين صديءَ ۾ لاڙ جي هڪ شاعر ۽ تنقيد نگار كويراج كان پوءِ جا كجهہ ليكڪ، جي سنڌي تنقيد نگاريءَ ۾ اچن ٿا، سي آهن: ليلا رام وطنمل لالواڻي، مرزا قليچ بيگ، لالچند امر ڏنومل، ڀيرو مل آڏواڻي، ڊاكٽر گربخشاڻي، ڊاكٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، پروفيسر لطف الله بدوي، ابراهيم خليل، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، پروفيسر اياز قادري، ڊاكٽر نبي بخش بلوچ، عبدالكريم سنديلو ۽ هيكڙ ٻيكڙ ٻيا - جن شاهہ سائينءَ جي كلام جي هيلتائين چند ڇاڻ كري شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جا هڙئي پهلو اُجاگر كيا ۽ دنيا تي اهو ظاهر كيو تہ سنڌ ڌرتيءَ جو هيءُ سپوت، لفظن ۾ لعل پوئيندڙ، دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ اهم شاعر آهي ۽ هيءُ تاريخ جو اُهو اهم شاعر پڻ آهي جنهن جي شاعريءَ کي صدين جي سراڻ بہ نہ مٽائي سگهي آهي، ۽ ڏينهون ڏينهن جيئن جيئن شاهہ جي شاعري تنقيدي ايپاس هيٺ اچي ٿي، سندس اهميت ۽ افاديت وڌندي رهي ٿي.

نارائڻ شيام جهڙي خوبصورت شاعر جي شاعريءَ ۾ غزلن جي غنائيت ۽ شاعريءَ جي تخليقي، فني ۽ فكري پرواز جي قوت، سندس ئي كتاب جي مهاڳ "روشن ڇانورو" ۾ تفصيل سان لكي، نارائڻ شيام جي شاعريءَ کي جيكا اهميت سڳن آهوجا ڏياري سا اڄ تائين نہ كهڻجي سگهي آهي.

كشنچند بيوس ۽ نارائڻ شيام كانسواءِ هن صديءَ جي سنڌي شاعريءَ ۾ جيكي اهم نالا اچن ٿا، تن ۾ شيخ اياز ۽ اُستاد بخاري، وسارڻ جهڙا نہ آهن. هي بہ اُهي ئي شاعر آهن جن جي شاعريءَ کي وقت جون ويرون نہ لٽي سگهيون آهن نہ سگهنديون. فرق صرف ايترو آهي جو شيخ اياز کي سندس ئي سٽ جي كجهہ ڏاهن، دانشورن ۽ همعصرن وقت بوقت سندس نثر توڙي نظم کي پٺي توريو تكيو آهي، جن تنقيد ۽ اظهار جي ٻين وسيلن ذريعي سندس فكري پرواز، سندس شعري شعور ۽ سندس فني پختگين تي هميشہ سندس كتابن جي مهاڳن، رسالن ۽ اخباري ليكن ذريعي كيس اهميت جي اُن جاءِ تي اچي ويهاريو، جتي شيخ اياز پنهنجي ڊكشن يعني شاعريءَ جي پنهنجي اسلوب ۾ نهايت مٿانهون ۽ لازوال شاعر بڻجي پنهنجي جاءِ والاري چكو آهي. اُن سڄي شعوري سفر ۾ شيخ صاحب سان رسول بخش پليجي (هيءَ سندس هاڻوكي موقف كان گهڻو اڳ جي ڳالهہ آهي) محمد ابراهيم جويي، سراج ميمڻ، رشيد ڀٽي، ڊاكٽر تنوير عباسي ۽ ٻين كيترن ڏاهن جا رايا، مهاڳ، ون يونٽ جي دور جون تقريرون، سياسي ۽ سماجي اسٽيجون ۽ ٻيا موقعا پڻ گهڻو نڀائيندا آيا. شيخ صاحب جي اهميت ۽ افاديت ۾ ون يونٽ جي هلچل جو پڻ گهڻو ڻو دخل رهيو آهي. اها تڏهن جي ڳالهہ آهي جڏهن "مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان" ۽ "سنڌڙيءَ تي سر كير نہ ڏيندو" سنڌ جا قومي ترانا بڻجي چكو هو. شيخ صاحب جي شاعريءَ تي پڻ مختلف مضمون، كالم ۽ رايا اڄ تائين ايندا رهن ٿا، جن ۾ ويجهڙ جو، آدرش ۽ مٽيءَ جي خوشبوءِ جيان خوشبودار شاعر تاجل بيوس جا سنڌ سجاڳ ۾ قسطوار مضمون پڻ اچي وڃن ٿا.

اهڙيءَ ئي ون يونٽ واري هلچل دوران يا اُن كان پوءِ جتي راڳي "مان ڏوهي هان مان ڏوهي هان" جو گيت ڇٽي محفلون ۽ جذبا گرمائيندا هئا ۽ قومي سُرت جا اُهي جلسا جلوس جتي نياز همايوني، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، تنوير عباسيءَ جي قومي شاعري ڳائي ۽ ٻڌي ويندي هئي، اُنهن ئي ڏينهان هڪ ٻيو شاهہ جي نگريءَ جو سڄاڻ ۽ ٻوليءَ جو وينجهار شاعر اُستاد بخاري بہ پنهنجي مجموعي "گيت اسانجا جيت اسان جي" ۾ انوكيون تشبيهون ۽ پنهنجو نرالو انداز كٿي جذبن کي جهومائڻ شروع كري ٿو. سندس سادن سلوڻن لفظن ۾ پوئيل هيءَ لولي نهايت ڌيمي ۽ پراثر نموني ۾ هر اسٽيج تي ڳاتي وڃي ٿي. ماڻهو مست ٿين ٿا. ٺيٺ واهڻي ۽ خالص شهري انداز جي هيءَ شاعري پنهنجو اثر ڏيكارڻ شروع كري ٿي. هن يگاني شاعر جي قومي ڌارا ۾ داخلا ماڻهن جي سماعت تائين كنهن بہ نعريبازيءَ ذريعي نہ پر هڪ منڙيءَ ۽ سنڌ مٽيءَ جي مهڪ سان جڙيل هن خوبصورت لوليءَ سان ٿئي ٿي:

جيجل جهولي ڏئي پٽي لولي،
سنڌي ٻولي- قومي ٻولي.

وڏڙو ٿيندين وكڙون كٽندين،
پهرين پهرين ڦرهي پڙهندين،
بي . ٻي . ڀي . تي ٻاتي ٻولي.
سنڌي ٻولي- قومي ٻولي.

۽ پوءِ جڏهن سنڌ جي سجاڳيءَ واري سائڻ، پنهنجن ڳيروئن کي آزاديءَ جي سرمست سپنن مان آڏمن جا هلكا ۽ ابهم عكس ڏيكارڻ شروع كري ٿي، ڇڙواڳ جيئڻ جي ڌارا، قومي وهكري ڏانهن موڙ كائڻ شروع كري ٿي ۽ سنڌ جي چوڻك چوڻك تي ڦاسي گهاٽن جا ڦندا اڏجڻ لڳن ٿا، جن ۾ سنڌ جو قومي شعور كڙيو وڃي ٿو، ساهيوال ۽ ناري جيل جي تتل شيخن پٺيان شيخ اياز، طارق اشرف، رسول بخش پليجو، ڄام ساقي ۽ ٻين كيترن جا انقلابي گيت، لفظ، تقريرون ۽ سنيها، ڄرائيون بڻجي سامراج جي وجود کي ڄرائين ٿا. سنڌ جي گهٽي گهٽي، گهر گهر ۾ جيجي زرينہ بلوچ جي گيتن جي گونجار، هر اول دستي جهڙو كم كرڻ لڳي ٿي، تڏهن تنهن قومي قافلي ۾ اُستاد بخاري:

ياڙي ماڻهو ياڙي تي جلاد گهرايون بيٺا هن،
سورهيہ ماڻهو سورنهن آنا سچ سٽايون بيٺا هن.

جهڙا عظيم انقلابي گيت ڏئي قومي شعور ۽ قومي جاڳرتا جي سجاڳيءَ ۾ اهم كردار نڀائي ٿو. تاريخ جي ١٨ سالن جي كردار هيمون كالاڻيءَ کي هينئن خَراج ڏئي ٿو:

اربيلا، ارڙهن! پڙهين، گهمين گهوٽ ٿين،
كيڙيو توكي كنهن؟ جهيڙيو تو جهونجهار تيِ،

ان بعد اُستاد ڌرتيءَ جي هر قومي كردار، هر قومي سانحي، ڏاڍ، ڏهكاءَ- سنڌالاجي کي ڏنل باهہ كان وٺي لاڙكاڻي جي معصوم راجيش جي ڀُنگ نہ ملڻ تي وحشياڻي قتل تائين، احمد خان آصف جي گهر ۾ ڌاڙي جي واقعي، ١٩٨٣ع جي ايم آر ڊي تحريك كان ٽوڙي ڦانك تائين، هر وياكلتا تي كنهن ڀِيرَ جيان پڙكي شينهن جيڏي راڙ كري ٿو:

وڙهن شير، ڊوڙن چيتا، اُڏامن تہ عقاب،
كوتا اوهان جا خواب، ساڀيا منهنجا سورما.

(سُر كيڏارو)

سهرٽيون، لامارا، ايڏهن ڏسجن اُپ تي،
جيڏهن ڊكيا سَڏَ تي جوڌا جهونجهارا،
ڳايو كيڏارا، سوڀارا سوڍا ٿين

(سُر كيڏارو)

اُستاد جي شاعريءَ جو گهڻو حصو ڳايو ويو آهي ۽ ايجا بہ سنڌ جي كنڊ كڙڇ ۾ سندس شاعريءَ جو ڦهلاءُ اڳي كان اڳرو آهي. جيكا پڻ عالمي معيارن مطابق شاعريءَ جي هڪ وڏي خوبي ڄاڻائي وڃي ٿي. مان اڳ بہ چئي آيو آهيان تہ، كارلائل معياري شاعريءَ جو پهريون اصول اهو ڄاڻايو آهي تہ، شعر جيكو ڳائي نہ سگهجي اُهو شاعريءَ مان خارج سمجهيو وڃي ۽ اُستاد جي كتابن "گيت اسانجا جيت اسان جي" كان وٺي "لهري لهري ۾ لالاڻ" تائين جا بہ شاعري آهي سا سڀ جو سڀ ڳائي وڃائي سگهجي ٿي. مان اُستاد جو جيٽري يا

# IN THE FINANCIAL UNIVERSE OF PAKISTAN ONE NAME STANDS OUT

## NATIONAL DEVELOPMENT FINANCE CORPORATION

National Development
Finance Corporation
6th Floor, Finance & Trade Centre, Shahrah-e -Faisal,
P.O. Box: 5094, Karachi. Phone:9203565-73,
Cable: TERMFUND, Telex: 20842 NDFCPK,
Fax: 9203586, 5683923.

Owned by the Government of Pakistan

**Where you can put your money and your trust.**

ابهام اچي رهيو هو، ۽ خيال جي لحاظ کان ٻہ هو جيڪو ڊگهو ذهني سفر طئي ڪري آيو هو، اهو اوچتو ختم ڪري، پويان مُڙي، هو پوئتي ويندڙ واٽ تي اوڏانهن واپس هلڻ لڳو، جتان هن پنهنجو اِهو سفر شروع ڪيو هو.

اِن معاملي جو افسوناڪ پاسو هي آهي تہ هن پنهنجي اُنهيءَ واپسيءَ واري سفر جو نئين سر آغاز، عمر جي اهڙي هنڌ تي پهچي ڪيو آهي، جتي وٽس پنهنجي نئين اختيار ڪيل انداز لاءِ، اڳي ماٺيل ميجتا وري حاصل ڪرڻ لاءِ وقت نہ رهيو آهي. اِهو احساس اياز جي دل ۾ بہ پيدا ٿيڻ هڪ فطَري ڳالهہ آهي.

ڏسي شهڪار هُن جو، يعني هيءَ دنيا،
يقين ٿي ڪونہ آيو، ڪو خدا آهي!

اڳي اِهو شعر لکي چڪڻ واري اياز لاءِ، هاڻي پڇتاءَ وارو فلسفو بيان ڪندي، سيڪجهہ حاصل ڪرڻ بعد، سيڪجهہ پنهنجن هٿن سان ڦٽو ڪري ڇڏڻ جي حالت ۾ اچي، وري سيڪجهہ حاصل ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندو- اِنهيءَ انديشي جي ڪيفيت ۾ بهرحال، "وڏي وڻ" واريءَ حيثيت کي جهلي بيهڻ لاءِ، هن نہ رڳو اڃا لکڻ بند ڪري آرام جي ضرورت کي ليکي ۾ نہ آندو آهي، بلڪ وڌيڪ بي آراميءَ سان لکڻ ۾ تيزي آندي آهي. ڪيئن بہ هجي، اِها هڪ تخليقڪار جي پيڙا آهي جو هن اسان کي ۽ اسان هن کي جيڪي ڪجهہ ڏنو، سو هڪٻئي کي موٽائڻ کان پوءِ بہ، هو اڃ بہ اسان کي گهٽي کان گهٽو ڏيڻ گهري ٿو. سندس اِها وڏائي، قدر لائق آهي.

هڪ ننڍڙيءَ ڳالهہ کي مون "تيليءَ مان ٿنڀ" ڪٿي بنايو آهي، سو اِن ڪري جو آءٌ "ماڻهوءَ مان وڻ" ٺٺو بنائي سگهان. منهنجي خيال ۾، "وڏا وڻ وٽڪار جا" ڪتاب ۾ هڪ ٻئي جي ڪلام جي ڀيٽ پيش ڪرڻ وارو خيال بہ اياز جي اُنهيءَ احساس ۽ انديشي جو پس منظر رکي ٿو، جنهن جو ذڪر مون مٿي ڪيو آهي.

تاجل جڏهن مون کي "وڏا وڻ وٽڪار جا" ڪتاب لاءِ سندس حصي واريءَ شاعريءَ جا پروف ڏيئي، ٻہ اکر لکڻ لاءِ چيو، تڏهن سوچيو هئم تہ خفتيءَ کي تہ رڳو پنهنجي ڪڪڙ کي "واه ڳاڙها واه" چوڻو آهي، سو اِهو ڪم سولو سمجهي "ها" ڪيم- پر پوءِ سوچيم تہ تاجل کي چوندس تہ جڏهن سندس ۽ اياز جي شاعري گڏ اچي رهي آهي، پوءِ پل تہ اُها ٿوري ۽ ٿورين صنفن ۾ هُجي تڏهن اهو ڪم ڪو اهڙو مستند پارکو ڪري جيڪو ٻنهي تي گڏيل ايپاس وڏيءَ پکيڙ سان لکي سگهي. وري سوچيم تہ اياز جهڙي ڳري شاعر جي جتيءَ ۾ پير وجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر پوءِ بہ جڏهن اياز خود تاجل کي ايڏو اهم سمجهيو آهي جو ڪيس پنهنجي تخت تي گڏ ويهاريو اٿس ۽ ان طرح تاجل جي ادبي مرتبي جي ساک ڏني اٿس، تڏهن تاجل تي خود سندس ڏار حوالي سان وڏي ايپاس لکڻ جي ضرورت آهي، آءٌ اِهو ڪم نہ ڪري سگهڻ لاءِ **تاجل سان معذرت ڪندس. اول تہ هن ايتري مهلت نہ ڏني آهي، ۽ وري منهنجين اکين جي آپريشن اڃا تازي ٿي آهي، تنهن ڪري رڳو "واهہ ڳاڙها واه" چوڻ جي اجازت گهران ٿو.**

# ادبي حلقن ۾ اهو چوبول ضرور ٿيندو تہ سنڌي شاعريءَ جي سڄي وٽڪار ۾ "وڏا وڻ" رڳو اِهي ٻئي بہ آهن ڇا؟

## منهنجو شاعر تاجل بيوس

- بسنت جا ڳيچ ڳائڻ وارو، ٽارين تي ٽڙيل روپهري رابيلن جو شاعر آهي،
- هنجن ۽ مورن، ڪانگلڙن ۽ ڪويلن، تترن ۽ ڳيرن جو شاعر آهي،

وسيهر وارن، مينديءَ رتن هٿن ۽ ڇلن جو شاعر آهي،

- پاٽيارين، پانهيارين، چوڙيلن، گجرين ۽ گهگهيرين جو شاعر آهي،
- ڏهرن، پٽن، پونگين، چؤنرن، جُهوپين، لانڍين ۽ ڪيٽن ڪَرن جو شاعر آهي،
- چيڙن، پِپن، ڏونرن، پُسين ۽ ڳاڙهن پيرن جو شاعر آهي،
- مَهڪارن ۽ وسڪارن، مَنڊ ۽ ميخانن جو شاعر آهي،
- ڪنڊين ۽ پيرن، ڪٻڙن ۽ ليارن، چانگن ۽ ڇيلڙن جو شاعر آهي،

جيڪو ڪوٽين ۽ ڪُمن، انبن ۽ ليمن، ڦاروَن ۽ پيرن، ٻهن ۽ هنداڻن، ڪنولن ۽ ماڪ جي موتين جون سوکڙيون آڇي ٿو،

- جيڪو ڪينجهر ڪپ تي تڪيو رکي ٿو ۽ ڪانوَن جي ڪان- ڪان سان سندس نيڻ ننڊاکڙا ٿيو پون،
- جيڪو گرنار جا تڪيا پيٽي ٿڪجي پوي ٿو تہ ٿر جي ٿڌيءَ واريءَ ۾ تسڪين پائي ٿو،
- جيڪو سنڌ ۾ ڳاڙهن پيرن جيئن سک ورهائڻ جي سَڌ رکي ٿو،
- جيڪو رنگ ڇڏي ويل رونقن ۽ ٻَسين بازارن ۽ لوڪ کان لِڪي پٽندڙ وَهمن ويچارين کي ڏسي ڏکارو ٿئي ٿو،
- جيڪو ديبل ۽ ڀنڀور مٿان ڪڙڪندڙ ڪانَ ڏسي ٿو، ۽ چام تماچيءَ جي تڙ ڏي ڪنهن جا وڏندڙ پير ڪَنائي ٿو،
- جيڪو پٽ ڏٽيءَ جون وايون بَرَ ۾ پٽڪنديون محسوس ڪري ٿو،

جيڪو پورب پار کان باک جي پڙڪو ڪائي اچڻ ۽ اُن جاءِ کان اوپر کي لاک لڳڻ جي بشارت ڏئي ٿو،

- جيڪو ٿر جي پٽن کان هاڪڙي جي هاڪ وهڻ جي آس رکي ٿو،
- جيڪو واهڙ آسري ويهي نہ رهڻ ۽ سنجهي سڙهہ اُڏارڻ جي تلقين ڪري ٿو،
- جيڪو مَڇ جو وات ونجهہ ۾ پيل ڏسي، ان کي مارڻ لاءِ "وارو ڙي وارو" جون دانهون ڪري ٿو.

جيڪو ڪلاچ جي مڇ کي اڃ کان هر هر ڏيکاري **ڏيندي ڏسي ٿو، ۽ منهنجو شاعر، تاجل، "ڳاڙهي سڄ کي ملٽي ناهي مات" جو يقين ڏياري ٿو، هو مارن منجهہ مرڻ ۽ جڳ سان جيئڻ گهري ٿو؛** جنهن جي جيوَن جي ڪٿا "مهيءَ پريل ماٽڙو" آهي، جيڪو چوي ٿو:

جنهن سان ٻٽجي رت ڦڙو، اهڙو ساز وڄاءِ،
جنهن کي ڌرتيءَ ۽ ان جي جيوت سان پيار آهي:

پياسا پنڇي اُڏري ويندا، تاڙي ڪين وڄاءِ،
کهڙا وينو تيل ڇِڪائين، دکندڙ ڌرتيءَ لاءِ،
ڌرتيءَ جي گولي کي گدرو سمجهي ڪين وڍاءِ.

هو بنيادي طرحِ فطرت جي سونهن جو، روماني شاعر آهي. هو سُکر ۽ سٺائيءَ جو، خير ۽ پيار جو شاعر آهي. وٽس لفظن جو قارون وارو خزانو آهي، ۽ ڪيس ٻوليءَ جي استعمال جو خاص سليقو آهي. ڪڇي ۽ ڪاڇي، لاڙ ۽ وچولي، ٿر ۽ جر جي سيني پاسن جا محاورا هو ڄاڻي ٿو. هو پنهنجي اظهار ۾ ڇٽو ۽ انداز ۾ وڻندڙ آهي. سندس تصور جي اک ڏاڍي تکي آهي، جنهن ڪري هو عڪس يا اولڙي جي شاعريءَ ۾ ڪامل آهي:

وونئٽن تي پريات جو ڪيڏي ماڪ پئي آ،
ڦٽيون ڄڻ ٿالن ۾ رکيل پيڙا آهن.

OO

جڏهن ڇُلڪيو جام،
موکيءَ ڪيو مَڏ مان
صبح جو سلام.

OO

لَڪيءَ جا چشما،
گجر، تنهنجي گج مان
ڏسان وينو مان.

OO

گيدوڙيءَ جا گل،
پاٽياريءَ جا پينگهہ تي
چُمن چوٽيءَ ڦل.

OO

پڇاڙيءَ جا ڏينهن،
وڍايل وٽڪار تي
ڄڻ پيا وسن مينهن.

OO

سج ڪئي تخليق،
سرنهن جي ڦولار ۾
روشنيءَ جي ليڪ.

OO

جيتريقدر سنڌي شاعريءَ جي وٽڪار ۾ "وڏي وڻ" وارو معاملو آهي، تہ انساني سماج جي هر شعبي لاءِ شاهہ سائينءَ جي ڏنل هن معيار کان بهتر ٻيو ڪوبہ معيار نٿو ملي:

"وڪر سو وِهاءِ، جو پٽي پراڻو نہ ٿئي."

سو، اياز ۽ تاجل جو "ريفرنڊم" تہ وقت ڪندو، جيڪو پراڻي وکر جي نواڻ ۽ نئين وکر جي پُراڻ جو اڪيلو پارکو آهي. آخر ۾ هي خفتي پنهنجي "شيخر" لاءِ ڪن آسن پاسن تي روشني وجهڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

ڊاڪٽر عشرت رضا

# انڌو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو

منهنجون ڳالهيون، منهنجي زبان کان وٺي مختلف ڪَنَن تائين مفاصلا طئي ڪندي، منافقيءَ جي طويل شاهراهن تي ڊوڙندي، چاپلوسيءَ جي خشڪ صحرائن ۾ ڀٽڪندي، مڪر ۽ فريب جي پر پيچ ۽ خاردار پيچرن تي ٿڙندي ٿابڙجندي زخمي ٿي پيون آهن.

**چياٺين:** اڄ تو بالڪل چپ چاپ ويٺو آهين؟ چو ڪجهه ڪچين ٿي ڪونه ٿو؟

**چيومانس:** بس اڄ ڳالهائڻ تي دل ٿي نٿي چوي.

**چياٺين:** چو؟ ڇا ڳالهه آهي؟ هونئن تہ بس ٿي ڪونه ڪندو آهين. ڳالهيون ڪنڻ جو نالو ٿي ڪونہ وٺنديون اٿئي ۽ اڄ وري .......

**چيومانس:** هاڻي منهنجيون ڳالهيون ٿڪجي پيون آهن.

**چياٺين:** سو وري ڪيئن؟

**چيومانس:** منهنجون ڳالهيون، منهنجي زبان کان وٺي مختلف ڪَنَن تائين مفاصلا طئي ڪندي ڪندي، منافقيءَ جي طويل شاهراهن تي ڊوڙندي، چاپلوسيءَ جي خشڪ صحرائن ۾ ڀٽڪندي، مڪر ۽ فريب جي پر پيچ ۽ خاردار پيچرن تي ٿڙندي ٿابڙجندي زخمي ٿي پيون آهن.

**چياٺين:** پر، ڳالهين ڪرڻ کان سواءِ ٻيلا ڪوئي پنهنجي مؤقف، پنهنجي مقصد کي ڪيئن ٿو ظاهر ڪري سگهي؟ ڳالهائڻ کان سواءِ پنهنجي اندر جو احوال ڪيئن ٿو اوري سگهي؟

**چيومانس:** ڳالهين ڪرڻ کان سواءِ بہ اهو سڀ ڪجهه ممڪن آهي.

**چياٺين:** اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟

**چيومانس:** چپن ۽ زبان جي سهاري کانسواءِ بہ اظهار ممڪن آهي. اکين جي زبان سان ۽ جذبن جي چپن سان اَملهہ ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون.

**چياٺين:** ڇا ان طرح سان ڪيل ڳالهيون بہ اوترين ٿي مؤثر ٿين ٿيون جيترين عام طرح سان ڪيل ڳالهيون هونديون آهن؟

**چيومانس:** انهن کان بہ گهڻيون وڌيڪ گهريون، پُر اثر ۽ پُر مفهوم- خاموشيءَ جي بَطن مان جنم وٺندڙ ڳالهيون ڪُن جو آواز ۽ مؤجد ڪائنات هونديون آهن. اَبد جو آواز ۽ روح جو پڙاڏو هونديون آهن. حقيقت آشڪار، عالم جي دانائي ۽ الهامي گيت هونديون آهن. اندر جو سڏ ۽ وجدان جو تحرڪ هونديون آهن.

**چياٺين:** تون تہ الائي ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين. بهترين اظهار تہ فقط ڳالهين ذريعي ئي ممڪن آهي.

**چيومانس:** ٺيڪ آهي، پر گهڻيون ڳالهيون، اجايون ۽ فضول ڳالهيون تمام گهڻي خرابي ۽ جهيڙي کي جنم ڏينديون آهن. اندر جي آلودگيءَ کي ٻاهر اوتي گدلاڻ پيدا ڪنديون آهن. منافقي ۽ چاپلوسيءَ جي خوبصورت ورقن ۾ ويڙهيل زهريليون ڳالهيون ۽ اجايا بحث مباحثا ڇا بهترين اظهار جا ذريعا ٿي سگهن ٿا؟

**چياٺين:** درست آهي! پر ڇا سٺيون ڳالهيون وجود نٿيون رکن؟ ڇا قول- زرين، ڏاهن جا قول، ادب ۽ شاعري ڳالهيون ناهن؟ ڇا اهي سڀ فضول ۽ بيڪار آهن؟

**چيومانس:** صحيح آهي! پر ڳالهيون فقط تيستائين مقدس ۽ تجريدي هونديون آهن، جيستائين اندر ۾ موجود هجن، اڻ چيل ۽ اڻ ڳالهايل هجن. ٻاهر اچڻ کانپوءِ انهن جو اصل حسن ۽ تجرد جهيڻو ٿي ويندو آهي.

**چياٺين:** پوءِ بہ ڳالهين جي اهميت کان انڪار ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟ ڇا عشق جي اظهار لاءِ لفظن جي ضرورت ڪونہ پوندي آهي؟

**چيومانس:** عشق فقط تيستائين تجريدي ۽ وجداني هوندو آهي جيستائين ان جو اظهار نہ ڪيو وڃي. جڏهن ڳالهين جي محدود ڪُوزي ۾ عشق جي ويرن ڪاٺيندڙ، لا محدود ۽ بيڪران سمنڊ کي سمائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي تہ عشق جو تجرد ۽ وجدان فوت ٿي ويندو آهي. لا محدود محسوسات کي لفظن جي محدود چادر ۾ ويڙهي، هڙ ٺاهي ڪونہ سگهبي آهي. ان طرح سان تہ محبت جيڪا ڪائنات کان بہ وسيع تر آهي خود خداءِ لم يزل جو جلوو آهي، سا ٺڙي پڪڙي پنهنجو ابدي حسن وڃائي ويهندي آهي.

**چياٺين:** تہ پوءِ آخرڪار ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اظهار بہ تہ ناگزير آهي نہ؟ ۽ لفظن کان سواءِ اظهار مونکي سمجهه ۾ ڪونہ ٿو اچي.

**چيومانس:** بس! ان لاءِ چوانءِ ٿو تہ تون بہ چپ چاپ ڪري، ڪنڌ جهڪائي، اکيون بند ڪري، مونسان گڏ ويهي خاموشيءَ جي ڪُکِ مان جنم وٺندڙ لافاني آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪر.

هو ڪونہ ٻڌو آٿئي:

تحقيق جي ٻري تون، مٿي ريءَ ڪٽيج،
هڪل حقيقت جي، ٻوڙو ٿي ٻڌيج،
انڌو ٿي پَسِيج، مشاهدو محبوب جو.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڳُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)